


SINDHI ADABI BOARD



# ديوانِ عارف

شاعر
پنهل فقير ’عارف‘ لغاري

مُرتب
’عاصي‘ عبدالواحد هَڪڙو

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو سنڌ
2021ع

SINDHI ADABI BOARD

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

چاپو پهريون نومبر 2021ع

قيمت: ٻه سؤ چاليھ رپيا

[ Price Rs. 240-00 ]

خريداريءَ لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679، Fax: 022-2771602)

Email Address: sindhiab@yahoo.com

Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب سنڌ جي قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شوري ۾ مئنيجر خضر خان وگهيو ڇپيو ۽ سيد سڪندر علي شاھ، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

SINDHI ADABI BOARD



## ڇپائيندڙ پاران

سنڌي شاعريءَ ۾ الف- بي وار ديوان جوڙڻ جي روايت خليفي گل محمد هالائيءَ قائم ڪئي، جنهن بعد سنڌ جي ڪيترن ئي شاعرن پنهنجي غزلن جا ديوان جوڙيا، جن ۾ ”ديوانِ فاضل“، ”ديوانِ گدا“، ”ديوانِ سانگي“، ”ديوانِ قليچ“، ”ديوانِ واصف“، ”ديوانِ حافظ“ مشهور آهن. سنڌي ادبي بورڊ طرفان سيد غلام محمد شاھ ’گدا‘، مير عبدالحسين خان ’سانگي‘ ۽ مرزا قليچ بيگ جا ديوان ڇپجي پذيرائي ماڻي چڪا آهن. بورڊ طرفان گذريل سال معروف شاعر ۽ محقق معمور يوسفاڻي جو ”ديوان معمور“ به منظرعام تي آيو ۽ هاڻي ميرپورخاص جي بهترين شاعر ۽ فقير طبيعت جي مالڪ محترم پنهل فقير ’عارف‘ لغاري جو غزلن تي مشتمل ”ديوان عارف“ به بورڊ طرفان شايع ڪري منظرعام تي آندو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ سنڌ جي اهڙي علمي ۽ ادبي خزاني کي شايع ڪري منظرعام تي آڻڻ لاءِ شروع کان ڪوشان رهندو پيو اچي. موجوده وقت ۾ بورڊ جي مانواري چيئرمين جناب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي خاص دلچسپيءَ تحت اداري طرفان نوان ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. اِهو سندن علمي ۽ ادبي گهراڻي سان وابستہ هئڻ سبب، بورڊ طرفان نوان ڪتاب اوليت جي بنياد تي شايع ڪري منظرعام تي آڻڻ لاءِ بورڊ جي پبليڪيشن ڪميٽيءَ جي

SINDHI ADABI BOARD

ميمبر صاحبان جي مشاورت سان بورڊ جي اشاعتي سلسلي کي ترقي وٺرائڻ لاءِ نت نوان پروگرام جوڙيا آهن. ان ڪانسواءِ سنڌن هدايتن تحت هڪ سؤ ڪان ڏيڍ سؤ صحفن واري اشاعتي اسڪيم بہ شروع ڪرائي وئي آهي ۽ خاص ڪري سنڌ جي اهڙن اديبن ۽ شاعرن جي ادبي پورهيي کي اوليت جي بنياد تي شايع ڪرائڻ. جن جو ادبي پورهيو اڃ منظرعام تي نہ آيو هجي. ان اسڪيم تحت ئي سنڌ جي هن عظيم سخنور محترم پنهل فقير ’عارف‘ لغاري جي غزلن جي مجموعي ”ديوانِ عارف“ کي بورڊ طرفان شايع ڪرائي منظرعام تي آڻڻ جي منظوري ڏني وئي.

هِن ”ديوانِ عارف“ جو پهريون ڇاپو آءٌ بورڊ جي مانواري چيئرمين جناب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي ايامڪاري ۽ سرڪردگيءَ ۾ شايع ڪري سرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان.

توقع آهي تہ. اسان جي هيءَ ڪاوش شاعريءَ سان دلچسپي رکندڙن وٽ پذيرائي ماڻيندي.

02- ربيع الثاني 1443ھ سيد سڪندر علي شاهہ

08- نومبر 2021 ع



## ارپنا

آئون هي پنهنجي عشق ۽ عقيدت واري محنت
منهنجي استاد سائين
معمور يوسفاڻي صاحب
۽
منهنجي معزز دوست سائين
نواب امداد علي خان لغاري
کي ارپيان ٿو.

’عاصي‘ عبدالواحد هڪڙو

سنڌي ادبي بورڊ
SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ



## پنهل فقير ’عارف‘ لغاري

(ولادت: 18- اپريل 1933ع وفات: 8- آگسٽ 2006ع)

[ڳوٺ جاني لغاري- ميرپورخاص]

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

## فهرست


- فقير صاحب جي سوانح ’عاصي‘ عبدالواحد هڪڙو 9
- مقدمو ڊاڪٽر اسد جمال پلي 13
-

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1 | الف | 13 | جھ |
| 2 | ب | 14 | ڃ |
| 3 | ٻ | 15 | چ |
| 4 | ڀ | 16 | ڇ |
| 5 | ت | 17 | ح |
| 6 | ٿ | 18 | خ |
| 7 | ٽ | 19 | د |
| 8 | ٺ | 20 | ڌ |
| 9 | ث | 21 | ڏ |
| 10 | پ | 22 | ڊ |
| 11 | ج | 23 | ڍ |
| 12 | ڄ | 24 | ذ |
| | | 25 | ر |


SINDHI ADABI BOARD

| | |
|---|---|
| 26 | ڙ |
| 27 | ز |
| 28 | س |
| 29 | ش |
| 30 | ص |
| 31 | ض |
| 32 | ط |
| 33 | ظ |
| 34 | ع |
| 35 | غ |
| 36 | ف |
| 37 | ڦ |
| 38 | ق |
| 39 | ڪ |
| 40 | ک |
| 41 | گ |
| 42 | ڳ |
| 43 | گھ |
| 44 | ڱ |
| 45 | ل |
| 46 | م |
| 47 | ن |
| 48 | ڻ |
| 49 | و |
| 50 | ھ |
| 51 | ء |
| 52 | ي |

سنڌي ادبي بورڊ
SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

## فقير صاحب جي سوانح

محترم پنهل خان (پنهل فقير) لغاري ولد حاجي محمد عثمان لغاري جي ولادت 18 اپريل 1933ع تي ڳوٺ جاني لغاري ديهه سانگرو تپوڪاڪ تعلقه شجاع آباد ضلع ميرپور خاص ۾ ٿي. ابتدائي تعليم چار درجا سنڌي سندس والد حاجي محمد عثمان وٽ پڙهي پورا ڪيائون پوءِ تعليم جو سلسلو مُنقطع ٿي ويو. 1946ع ۾ پنهل فقير مجازيءَ جي مهيز ۾ وٺجي ويو. سندس اندر جي ڪيفيت نهايت عجيب ٿي ويئي. انهيءَ ڪيفيت ۾ سندس اندر جا اڌما شعر جي صورت ۾ نروار ٿيا. سندس انهيءَ نينهن نهوڙيل وجود جا واڇا هنڌين ماڳين وڃي ويا. ان وقت درگاهه پير ڪَڪّي جو فقير، بلند پايہ شاعر ۽ ولي الله مصري فقير مگڻهار اچي سندس آڳر جهلي ۽ ڪيس سڀ عشق مجازي ڪان حقيقي جا گس سونهان ڪيائين. اهو 1958ع جو زمانو هو.

مصري فقير مگڻهار پر جهلو بنجي. پنهل فقير ڪي راهِ وحدت ڏيکاري ۽ ڳڌوڳڌ روحاني رهبري پڻ ڪيائين پوءِ ته مصري فقير ۽ پنهل فقير ۾ ڪابہ جدائي ڪانہ رهي ۽ هميشہ رات ڏينهن سندن رهاڻيون ۽ ڪهاڻيون قائم و دائم رهيون.

مصري فقير سان ملاقات ڪان پوءِ رهاڻين جا رنگ رچي ويا. ڪيترن ئي صوفي فقيرن سان ملاقاتون ٿينديون رهيون. رس ۽ رهاڻيون ۽ قربن ڪهاڻيون ٿينديون رهيون. مصري فقير جي دُعائن رنگ لاتو فقير انهن سيني فقيرن جي فيض مان سيراب ٿي ويو.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

سيني دوستن گڏجي پنهل فقير کي ”عارف“ جو تخلص عطا ڪيو. جن ۾ ”قادن فقير“ (چاڪي) سومرو، محبت فقير ”سيد حبيب الله شاهہ بخاري“ ٻاپُو پورڻ ناٿ“ (ڪاڻ وارو) اِهي تمام وڏي حال ۽ قال وارا صوفي هئا. مگر سندس حال محرم ۽ استاد فقط ”مصري فقير“ هو. متين فقيرن جا خيال هڪ ٻئي سان ملندڙ هئا، باقي قدح ڏار ڏار هئا جيئن حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي فرمايو آهي تہ:

وَٽ وٽ وٽي ۾ مٽ مٽ مَنڌ ڀيو،
قدر ڪيف ڪلال جو پياڪن پيو،
اچن دُرس دُڪان تي ڪنڌ قبول ڪيو،
سَرها سِر ڏيو چکن سُرڪ سيد چئي.

وقت جو ڪانٽو ڦرندو رهيو آخر 21 جنوري 1971ع تي مصري فقير مگڻهار هن جهان مان ڪوچ ڪري ويو، چٽ پٽ تي پئجي ويو پنهل فقير پاڻ کي وري اڪيلو ڄاڻڻ لڳو. سندس استاد مصري فقير جي شعر جي هڪ سٽ آهي تہ:

”سُورن ساٿي ناهي ڪو جايس هڪ جِٽِي“

پنهل فقير جي سنڌ جي مايہ ناز عالم محقق ۽ اڪابر انسان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان پراڻي ڏيٺ ويٺ ۽ شناسائي هئي، هو پنهل فقير جي هر ڏک ۽ مجبوري ڪان چڱي طرح واقف هو جنهن پنهل فقير کي ”ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي مرحوم غلام حسين شيخ پروڊيوسر ڏانهن موڪليو ۽ پنهل فقير کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ چيو تہ ”شيخ“ صاحب کي منهنجا سلام ڏيئي پروگرام لاءِ چئجانءِ ايئن هڪ هفتي اندر پنهل فقير کي ريڊيو جو ڪانٽيڪٽ ملي ويو. جتي پاڻ مسلسل ڪيترن ئي سالن تائين سگهڙ جي حيثيت ۾ ”فتح خان“ سيد صالح محمد شاهہ جي ڪچهريءَ ۾ شامل ٿيندا رهيا! پنهل فقير شاعري جي صنف

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

۾ ”حمد“ ”نعت“ ”مناجات“ ”مولود“ ”مداح“ ”نوحا“ ”مرثيا“ ”غزل“ ”ڪافيون“ ”نظم“ ”بيت“ ”سينگار“ ”ڏهس“ ”هُنر“ ”دوراهو“ ”ڳجهارت“ ”ڏِٺ پرولي“ ”گرچيلو“ ”پهاڪا“ ۽ ”قصيدن“ تي طبع آزائي ڪئي آهي. سندس شاعري ”وحدت“،هيڪڙائي، ”عاجزي“، ”نيزاري“ ”هم استي“ ۽ ”مجازي“ موضوعن تي مبني آهي. پاڻ چئن ٻولين ۾ سنڌي، اردو، سرائڪي ۽ هندي ۾ شاعري ڪيائون. جيئن ته سندس وڏن جو ادب سان واسطو پڻ هو. پنهل جو نانو ”ڏتل خان لغاري“ ”ڏور ۽ ڳجهارتن“ جو سٺو سگهڙ هو. پنهل فقير جو والد صاحب ”حاجي محمد عثمان لغاري“ پڻ ”ڏور، ڳجهارتون، پروليون، سهڻا سخن، ۽ پهاڪا“ پاڻ لکندو هو. وٽس ڪتابن جو وڏو ذخيرو هوندو هو جو اڃان تائين سندن پوين وٽ موجود آهي.

”پنهل فقير“ جي شاگردن جو وڏو حلقو آهي جن مان ”رسول بخش شاڪر سراز، عبدالرحمان ’عادل‘ هڪڙو، سيفل فقير مگڻهار، جان محمد ’جاني‘ بروهي ۽ محمد عُرس آريسر“ قابل ذڪر آهن.

پنهل فقير جي دوستن ۽ احبابن جو وڏو حلقو هو. ولي محمد ولي سروري، معمور يوسفاڻي رئيس امير دوست مري، عاصي عبدالواحد هڪڙو، (راقم الحروف)، تاج محمد تاج هاليپوٽو، رمضان فقير مگڻهار، خير محمد خاص لنڊ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، در محمد ڪمال، قمر لاڙڪ، ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري، الهبچايو مشتاق آريسر، محمد حنيف الزهري، عبداللطيف لغاري، فخرالدين بابر لغاري، حاجي نورل مري، محمد خان مري سروري، محمد عثمان مانجهي ڪنڀار، محمد باقر لغاري، محمد اسماعيل شورو ۽ ٻيا. فقير صاحب جن شاعري توڙي نثر ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. جيڪي هيٺ ڄاڻائجن ٿا.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

(1) ”رائي منجهہ رڙيون“- (شاعري)
(2) ”انمولِ عارف“ - (شاعري)
(3) ”سانوڻ ٺڏڙا ڏينهن“ - (شاعري)
(4) ”ڳالهيون ڳُڻ ڳارين“ - (نثر)
(5) ”پنهوارن پچار“ - (نثر)
(6) ”جيڪر هُوند رَسان“ (نثر) ان ڪانسواءِ ٻيو بہ اڻ ڪٿ مواد شامل آهي.

پنهل فقير تي شاديون ڪيون پهرين گهرواري ٿوري وقت بعد الله کي پياري ٿي ويئي. ٻئي شادي مان هڪ پٽ ٿيو جو ننڍي هوندي جهان ڇڏي ويو باقي 3 ڌيئرون موجود ۽ پنهنجي گهرن ۾ آباد آهن. ٽئين شادي مان 3- نياڻيون ۽ ٻہ پٽ جمال الدين ۽ ڪمال الدين موجود آهن.

فقير صاحب تاريخ 8 آگسٽ 2006ع مطابق 12 رجب الموجب 1427ع آڱاري ڏينهن منجهد جو هن جهان مان پردو مٿايو. پنهل فقير جي تدفين مقام ”داد فقير ڏگو“ (سيد الياس شاهہ) ديهہ سانگرو تپو ڪاڪ تعلقہ شجاع آباد ضلع ميرپورخاص ۾ ٿي.

ديوان عارف جي اشاعت لاءِ آئون سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘ جو انتهائي ٿورائتو آهيان ان سان گڏ پبليڪيشن ڪميٽي جي ميمبرن، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ۽ پبليڪيشن سيڪشن جي اراڪين جو پڻ ٿورائتو آهيان جن هن اهم ڪتاب کي منظور ڪرڻ ۽ ڇپائڻ جي مرحلن ۾ محبت ۽ محنت سان آسانيون پيدا ڪيون. خاص طرح منهنجي استاد محترم معمور يوسفاڻي جي لائق فرزند ڊاڪٽر اسد جمال پلي منهنجي هن ڪم ۾ گهڻي مدد ڪئي. ڪتاب جي ترتيب ۽

SINDHI ADABI BOARD

پروف ريڊنگ ڪان علاوه شاندار مقدمو پڻ لکيو. ساڳي طرح تاجپور جي نواب امداد علي خان لغاري ڪلام جي هٿ ڪرڻ ۾ خاطر خواه مدد ڪئي. ان ڪان علاوه فقير صاحب جي فرزندن جمال الدين ۽ ڪمال الدين سان گڏ محترم محمد رفيق لغاري، احسان لغاري، مولابخش لغاري (ٻئي فقير صاحب جا پاڻٽا) فقير مختيار لغاري، فقير صابر لغاري، فقير منير لغاري ۽ الله جڙيو لغاري پڻ هن ڪم ۾ پنهنجي شوق ۽ ذوق سان شريڪ رهيا. الله پاڪ سيني کي خوش ۽ آباد رکي (آمين).



ڊاڪٽر اسد جمال پلي
عمر ڪوٽ

## مقدمو

پنهل فقير عارف سان منهنجي هڪ ئي تفصلي ڪچهري ٿي. اِهو ادا عبدالواحد هَڪڙو صاحب جو ڪاچ هئو. رات جي ماني بعد اسان جي ڪچهري شروع ٿي. ٿورين رسمي ڳالهين ۽ ڪچهري بعد رات جو 11 بجي ڪان صبح جو چار بجي تائين فقير صاحب بغير ساهيءَ جي پنهنجي شاعري ۽ سگهڙائپ جا ٻول ٻڌائيندو رهيو ۽ ان شاعري جو پسمنظر ۽ داستان حيات جا دفتر کوليندو رهيو. سندس شاعري خواهہ داستان گوئي ۾ ايڏو تہ رس ۽ چس هئو جو ڪنهن بہ مهل مون کي نہ بوريت ٿي نہ آئون ٿڪس. مون پُنهل عارف کي اڳي بہ ٻڌو هئو. پر هن ڪچهري ۾ تہ ڍءُ ٿي ويو. فقير جي رنگ واه جو اثر ڏيکاريو ۽ پوءِ ڪڏهن بہ دل تان نہ وسريو.

آئون ۽ محمد حنيف ازهري 2017ع ۾ حج تي گڏ هئاسين. مديني پاڪ جي من موهيندڙ ماحول ۾ ڪٿان هِن عاشقِ رسول جو ذڪر چڙي پيو. ازهري صاحب چڻ فقير جو مون کان بہ وڌيڪ معتقد هجي. چيائين تہ فقير صاحب مون وٽ گهڻو ايندو هو. پنهنجي ڪلام جي هڪ ڪاپي بہ مون وٽ ڇڏي ويو هو. ازهري صاحب سندس ذڪر مان ڍاپي ئي نہ پيو. مون کي هڪ سٺ اهڙي ٻڌايائين جو جيڪا روايت مون کي ادا عبدالواحد هڪڙو صاحب ٻڌائي ان جي بہ تصديق ٿي وئي. عبدالواحد چوندو آهي تہ فقير صاحب جڏهن پنهنجي مُڪمل روانيءَ جي حالت ۾ هوندو تہ چوندو هو تہ: الا ! ملاح اڳ ۾ ويو هليو نہ تہ اسان جا

سنڌي ادبي بورڊ

واه جو آهي. حضور نبي پاڪ ﷺ جن هڪ جمعي جي نماز مسجد غمامہ (مدينو پاڪ) ۾ پڙهائي تہ هڪ اصحابي سڳوري عرض ڪيو تہ يارسول **الله** ﷺ ملڪ ۾ سخت ڏڪار آهي دعا گهرو برسات پئي تہ جيئن انسان، پکي، جانور ۽ جيت جڻا سگهيا ٿين. پاڻ ﷺ جن دعا گهريائون ۽ **الله** جي رحمت وسڻ شروع ٿي. وري ايندڙ جمعي جي نماز بہ پاڻ سڳورن ساڳي مسجد غمامہ ۾ پڙهائي ۽ ساڳيو اصحابي سڳورو اٿي بيٺو تہ يارسول **الله** برسات تمام گهڻي آهي هاڻ دعا گهرو تہ بند ٿئي، ڇو جو مديني پاڪ جي ماڻهن جا گهر ڪچا آهن، هاڻ سٺ سهڻ ڪونهي. ان ڳالهہ تي حضرت عمر فاروق رضہ ان صحابي سڳوري کي چيو تہ برسات **الله** پاڪ جي رحمت آهي ان جي بند ٿيڻ جي دعا ڪونہ ڪبي، تون چئہ تہ يارسول **الله** هيءَ رحمت هاڻ وري ٻين خشڪ وادين ڏانهن وسي. نبي پاڪ ﷺ جن دعا گهري ۽ برسات مديني پاڪ کان اردگرد جي ٻين وادين ڏانهن منهن ڪيو. سبحان **الله**. مولوي حاجي احمد ملاح چيو تہ:

وار واري ٻي ولهار...!

ساڳي ڳالهہ فقير صاحب بہ ڪيڏي سهڻي طريقي سان ٿو ڪري تہ:

آهين تون مُلڪ جو مالڪ، ڏئين تون خلق کي خالق.
رسائين روز تون هر گهر، مٿا منج مينهن ٻي پاسي...!

فقير صاحب وٽ غزل جا موضوع بہ جهجها آهن تہ لفظن جي کوٽ ڪونهي. سندس نظر عام مشاعرن ۽ عام شاعرن تي بہ آهي. هو مولوي عبدالغفور مفتون همايوني جي ڪافي نما غزل جي تتبع تي لکي اِهو ٿو واضع ڪري تہ سندس نظر هر طرف شاعري جي جهان ۾ ڪليل ۽ سجاڳ آهي تہ:

SINDHI ADABI BOARD

تنهنجي زلف جي زور زنجيرن ۾ زردار هزارين مان نہ رڳو،
تنهنجي حسن جي نيڪ نگاهہ ڪيا، نروار هزارين مان نہ رڳو.



سنڌي ادبي بورڊ

هي سجاڳ شاعر اسان جي ادب ۾ ٿيندڙ چڙ واڳي وارين حرڪتن کان بہ غافل نہ آهي تہ:

فحاشي اڄ فسانا ڪي، لکي ليکڪ ٿيا
پڌرا،
اڳوڻو ويو ادب وسري، اديبن جي لڳي اڻ وڻ.

وري ساڳي وقت اڳ جا شاعر ۽ شاعراڻو ماحول ياد ٿو اچي تہ هو بُلهي شاهہ، سچل سرمست سان گڏ مصري شاهہ ۽ مولوي علي محمد مهيري جا نالا ڪٽي پوري دور کي ٿو اوساري تہ:

اڳي 'سچل' 'بولا' شاعر هئا، وري 'مصري' 'مهيري' ماهر هئا
ڏاڍا شعر تنين جا ظاهر هئا، اڄ سخن سچاڻا وسري ويا.

هو پنهنجي ملڪ پاڪستان جو بہ گهڻگهرو آهي ۽ يوم آزادي جي فنڪشن ۾ سندس گونج، گونجي ٿي تہ:

سال گذرڻ بعد آيو، يار آزادي جو ڏينهن،
جا بجا ٿيئڙا جشن، جنسار آزادي جو ڏينهن.

بروي ۽ رپ جي داستان کي انسان جي جن ٿورن ڪلاسيڪي شاعرن سمجهيو آهي، فقير صاحب بہ انهيءَ ساٿ ۾ شامل آهي تہ:

برهہ ۾ هئو بروو، ٿيو ڪامياب،
سڄو ماس تن جو ڪاپايو عشق.

داستان گوئي سان گڏ ڪيس وطن جي نظارن جي سونهن بہ هڪ هنڌ بيهاريو ڇڏي ۽ دلفريب نظم پيو چئي تہ:

جيئن ڏنارن جون دڙن، للڪار لاتيون لوڪ گيت
تيئن درد مندن دلفريبي نظم نيارا هون شال.

SINDHI ADABI BOARD

هنن نظارن ۾ جيئن خلق، خدا خوش آهي تيئن وصل جي نظارن سان عاشق مڇي متارا ٿين ٿا.

جيئن ڪير ڏُڌ ۽ ٻيون خوراڪون، خلق ڪايو خوش گهمي،

سنڌي ادبي بورڊ

تيئن وٺيون وصلات پي، مانجهي متارا هون شال..!
انهي لمحي عجيب آرزو ٿي، دِل مان اُٿي ته:

مون مرڻ جي مهل ۾ محبوب تون موجود هُج،
ساڻ درشن دم سپڄڻ، تنهنجا تمهارا هون شال.

فقير صاحب حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ذڪر ڪانپوءِ پنهنجي مرشدن، دوستن، عزيزن ۽ مهربانن جي ذڪر ڪرڻ ۾ ڪنجوسي ڪئي ئي ڪونهي. اسان اهو ذڪر شاعري سميت سندن ٻئي ڪتاب ۾ ڪيو آهي. هتي غزل ۾ بارٻار ايندڙ ذڪر مان اسين مسڻ جي مولوي عبدالڪريم لغاري مرحوم جي ڳالهه ڪريون ٿا، جنهن جي عالمانه صحبت جو اثر فقير صاحب تي نمايان آهي.

جيئن منجهه 'مسڻ' ماهه لقا تون مولوي عبدالڪريم.
تيئن مونجهه وارن تي مسلم، مَنَ مِڙِ موچارا هون شال.

غزل جي رومانوي رنگ ۾ فقير صاحب واهه جو نباهه ٿو ڪري ته:

چيم هڪ شهر ۾ آهيون، ڪڏهن گهر ۾ گهڙي ايندس.
چيائين اهڙي عادت تان، لڏيندين يا لڏائيندين.

اجان به اڳتي ته:

چانوَ وارن جي هجي، ابرو ۾ سجدا روز و شب،
لڳن سيني سنوان، نيٹن سندس نيشان سپ.

SINDHI ADABI BOARD

مختلف صنعتن سان سينگاريل هن شعر ۾ رواني ۽ دلڪشي جو مزو اگر وٺڻو آهي ۽ شاعر جي شاعري تي مڪمل حڪمراني مان لطف



سنڌي ادبي بورڊ

اندوز ٿيڻو آهي ته پوءِ هيٺين بند وارو سڄو غزل مطالع ڪريو ته:

ڪيائين ڪٺ، لهي ويا ڪٺ، لاٿائين ڪٺ ڪٺاري
جو،
ڪُسيا ڪونڌر، ويا ڪيهر، قتل جي ڪار رستي ۾،

فقير صاحب پنهنجي غزل ۾ عام عوامي رنگ ۽ ماحول جي عڪاسي ڪرڻ ۾ خوب آهي ته:

ڪندا ڪين پوري پڳهارن مان،
پوءِ زور رشوت وڌائڻ تي وٺ...!

۽ وري مشاعرن ۾ اردو شاعري جي مزاحيه پهلو جو به ذڪر ڪري ٿو ته:

'عارف' هاڻ پٽ سٽ مان پوري ٿئي
ڪيئن،
بيگم جي فيشن ڦيرائڻ تي وٺ...!

ساڳي طرح هو عام ووٽر کي پنج سالن بعد وري ياد ڏهاني ٿو ڪرائي ته:

اليڪشن آ اچڻ واري، ويندا وڪجي هڙئي هاري،
صفا سستي خريداري، سندو واپار سمجهي وڃ.

پنهل فقير عارف پنهنجي دور جو وڏو شاعر آهي. سندس حافظو به ڪمال جو آهي. هُن سنڌي شاعري جي لڳ ڀڳ سڀني مروجه صنفن تي لکيو آهي. ٻي طرف هو وڏو سگهڙ آهي. هُن سگهڙائپ جي تقريباً سڀني منظوم صنفن تي لکيو آهي. سگهڙائپ جي خاص پهلوئن مان هو ڳجهارت ۽ هنر جو تمام سٺو گهڙيندڙ آهي. سندس هِن رخ جو ذڪر اسان سندس ٻئي ڪتاب ۾ ڪيو آهي.

SINDHI ADABI BOARD

هيءَ چاڪاڻ نج — نبار غزلن جو مجموعو آهي جنهن ۾ فقير صاحب جي غزلن جو به انتخاب آهي. سندس ٻيا غزل ٻين مجموعن ۾ به ايندا. هتي اسان صرف ديوان جون تقاضائون پوريون ڪيون آهن.

هن ديوان جي اچڻ سان فقير صاحب جي ڪلام جي اشاعتي سلسلي جي ابتدا ٿئي ٿي. اميد اها آهي تہ سنڌ جا اهل ذوق هن ڪلام مان مستفيض ٿيندا ۽ فقير صاحب جي علم ۽ هنر تي پنهنجو قلم تحرڪ ۾ آڻيندا.



# ديوانِ عارف

سنڌي ادبي بورڊ
SINDHI ADABI BOARD

الف

اللهِ اڪبر ڪان سواءِ، ٻيا سڀ اجايا آسرا.
دانه دلاور ڪان سواءِ، ٻيا سڀ اجايا آسرا.

سڀ ساعتون جيڪو سنڀالي ۽ قريبن ڪان قريب،
تنهن راز رهبر ڪان سواءِ، ٻيا سڀ اجايا آسرا.

ڪرم ڪوڙين جنهن سندا، ڪهڙا لکي ڪهڙا لِکان،
ڪونين قادر ڪان سواءِ، ٻيا سڀ اجايا آسرا.

حال محرم حال جو، هر حال ۾ همراهه سو،
هر جاءِ حاضر ڪان سواءِ، ٻيا سڀ اجايا آسرا.

مج محمّد مصطفيٰ، جو انبيائن ۾ عجيب،
تنهن نور انور ڪان سواءِ، ٻيا سڀ اجايا آسرا.

يا علي مشڪل ڪشا، مشڪل ڪشائي جو ڪري،
حيدر بهادر ڪان سواءِ، ٻيا سڀ اجايا آسرا.

’عارف‘ اچي ڪربل اندر هو، سر ڏِنو صابر حسين،



تنهن شاهه شاڪر ڪان سواءِ، ٻيا سڀ اجايا آسرا.

سنڌي ادبي بورڊ

مھر سان مالڪ مٺي مولا وسايا مينھڙا.
موڪليا ھر ملڪ تي سائين سوايا مينھڙا.

ڪيٽ ڪيڙي خوش ٿيا، ٻاجھر وري اڄ ٻور تي،
ان لاءِ ٿيون عيدون ابر ڪن لئي اڃايا مينھڙا.

ڏس ڏڙن جبلن مٿي، جھونگار جھانگين جي لڳي،
پيچ مولا پيچ، مولا اڄ ڪي آيا مينھڙا.

ڏيھ تان لاٿا ڏڪر، ڏاتر ڏولاوا ڏور ڪيا.
ٿيون وسون ولھار ۾، والي واريا مينھڙا.

’عارف‘ مڙئي الڪا لٿا، پوٺن ٻلر پالوٽ ڪئي،
ملڪ ساري تي، مڪا سائين سڄايا مينھڙا.

❍

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

پرين آسرا سڀ پليندا ھليا ويا.
چيائون نہ اچجان، جھليندا ھليا ويا.

مھر و وفا ڪا، ملي ڪانہ تن ڪان.
رقيبن سان صحبت، سليندا ھليا ويا.

روئي رت ڦُڙا، مان رندن تي رُلان ٿي،
سڄڻ روح ٻئي سان، رليندا ھليا ويا.

ڏڪاري چڙيائون، ڏڪا ڪاٺا پيا،
مون ڪي روندي رڻ ۾، چڙيندا ھليا ويا.

وري ديس پنھنجي تي، وڃبو اي ’عارف‘،
ھي جا تاھوڪا، ٿھليندا ھليا ويا.

❍

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

سراسر سونهن جا ساغر، پيتاسون صاف سبحانا.
هلي محفل ۾ مَئي خوري، پورا لبريز پئمانا.

مهانگو مئي سندو ماسو، نہ مورهين تو مِلي ڪنهن مُلهہ،
وتن تنهن لاءِ وڍايو سر، لچن پيا لال لاثانا.

نظارا ناز پرور جا، نچائن تا نسنگ نينهن ۾،
هينئين منجهہ مون حسن وارن، ڪيا نروار نيشانا.

مِلي مون محب کان ميسر، وٺي وصلات واري ڪا،
لبن تي لال لب لائي، ڪيم سر ساهہ قربانا.

SINDHI ADABI BOARD

’عارف‘ اظهر اندر عاليٰ، بنائي آهہ برهہ بازي،



سنڌي ادبي بورڊ

’پنهل‘ جي پيار کان ڏاران، ٿيا ڪيئن وير ويرانا.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ڪانگ ڪوھن تان ڪھي وڃ، پس لمحہ تون لال جا.
خوب روءِ جي ڏي خبر، ڪي خاص خط خوشحال جا.

وڻ متان ور ڏيئي وراڪا، پيو ڪجان زاريون ضرور،
من ڪڏھن ڪوٺي پڇن، توکان اکر احوال جا.

روبرو روئي چئيج چو تو، روئاڙين رات ڏينھن،
منجھ ڳري ڳوڙھا وھائج، ھن حقيقت حال جا.

ٻاجھ مان ٻولي جيڪي، سو سِڳھو مون کي سڻاءِ،
مھربانيون تو مڃان، بيشڪ ڀلايون ڀال جا.

SINDHI ADABI BOARD

پيار جا پرزا پرَن ۾، تون پکي پائي اچيج،



سنڌي ادبي بورڊ

کولي ڪنيڙن مان ڪٽي ڏي، سڄڻ سندي سنيال جا.

ايندي عجيبن کي ڏِسي، ’عارف‘ ويا ارمان سڀ،
درد دوکا ٿيا دفع، ڏک سور دِل سو سال جا.

❍

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

بيدردي ديدم دور نئون غم درد جا داڻا، وسري ويا.
آزاد نظم جي دنيا ۾ بس شعر شاهاڻا، وسري ويا.

ڪي عامل ڪامل قاضي هئا، ڪي عاشق مست مجازي هئا،
ڪي شاعر سخن درازي هئا، تن پُرجهڻ پاڻا وسري ويا.

اڪيون ساڻ الاهي عشق اڙيون، ڏيئي غير ڪديائون تات تڙيون،
چڙي مسجد مندر مور مڙهيون، تن تول تڪاڻا وسري ويا.

اڳي ’سچل‘ ’بولا‘ شاعر هئا، وري ’مصري‘ ’مهيري‘ ماهر هئا،
ڏاڍا شعر تنين جا ظاهر هئا، اڄ سخن سچاڻا وسري ويا.

هئا شايد شعر شمارن ۾، متي يار سخا سردارن ۾،
رهندا شاعر هئا دربارن ۾، سي رس رهاڻا وسري ويا.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

جي برزخ ڪان بيچين هئا، طرفين جي عيبن عين هئا،
سڪ وحدت ۾ دن رين هئا، سي سياڻا اياڻا وسري ويا.

هت دانائن جا دور به هئا، سينگار ڳجهارت ڏور به هئا،
سي محفل مُهڻان مور به هئا، تن ٻول ٻاپاڻا وسري ويا.

دلدار دلاسا ڏيندا هئا، لڪ چوري ايندا ويندا هئا،
رٺاڙيندا هئا ۽ روئيندا هئا، سي نيڻ نماڻا وسري ويا.

ڪئين سهڻن جا سينگار نوان، انڪار بجاءِ اقرار نوان،
پيا روز ڏين ديدار نوان، خُد و خال پراڻا وسري ويا.

نڪي سينڌ پٽيون، نڪا وار سڳي، گفتار واپار جي تار وڳي،
هي مصر واري بازار لڳي، هو مرڪون ماڻا وسري ويا.

ڪي سنبريا سائي سومارن تي، ڪي سئنيما جي ستارن تي،
ڪن بار پيا اغيارن تي، تن عزت اولاڻا وسري ويا.

SINDHI ADABI BOARD

ڪي ”عارف“ عين امير به هئا، ڪي عشق ڪيا اڪسير به هئا،

سنڌي ادبي بورڊ

کي ماهِ رخ ماهِ منير بہ هئا، سي گلزار گهراڻا وسري ويا.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

بدن ۾ روح قيدي، ۽ زلف زندان اٽڪي پيا،
اکين ۾ اڄ عجيبن جي، اکين جا ڪان اٽڪي پيا.

نگاهِ ڪرم ٿيو ساقي، سري مان نہ ڪجھ سربو دل کي،
گلابي گل ۽ هي جام، پئي پيمان اٽڪي پيا.

اناري لب عجيبن جا، مٿان سرخي ڪئي سهٽي،
عنابي رنگ پيئي اڄ، مثل مرجان اٽڪي پيا.

برھ امراض چا چاڙن، طبيبن سوچ پي دل ۾،
دوا ديدار ۽ دارون، طبي درمان اٽڪي پيا.

ملڻ محبوب آيو ٿي تہ، ڪر جاڳي خلل ڪيئڙو،
پڌم پئي گهر ۾ دلبر سان، اتي نادان اٽڪي پيا.

عجائب غم دل محبت، جهليو ميلاپ کان منکر،
عجب هي غم مگر هو غم، اچي ارمان اٽڪي پيا.

SINDHI ADABI BOARD

عشق جي فوج تي هِتان، هُتان حملا حُسن جا ٿيا،
اچي ميدان ۾ لشڪر، صفا سلطان اٿڪي پيا.

SINDHI ADABI BOARD



مجي مالڪ سندي مرضي، ڪيم محبوب کي سجدا،
اصل ان ڳالھ تان، ابليس ۽ فرمان اٿڪي پيا.

مِٽي محبوب جي مرڪڻ، منجهان شفتين تي ظاهر،
سفيدي ۽ صفائي تان، دُرِ دندان اٿڪي پيا.

عرش احمد فرش محمّدﷺ، اسم ٻئي پاڪ عربي جا،
الاهي نور اسمن تان، انس غلمان اٿڪي پيا.

رلايا عشق ڪئين ”عارف“ ڇڏي تسبيح ڪٺي مرليون،
وٺي مذهب مجازي جا، هي شاهي تاج صنعان اٿڪي پيا.

○

حُسن جي هاڪ جا هيل ڪيچين جا قافلا ٻڌا تو هوندا،
شهر ڀنڀور ڏانهن تيڙا روانا تو ٻڌا هوندا.

مومل جي موه مورت ته لکين ماريا تي مسافر،
تني جا ڪاڪ پر آخري آستانا تو ٻڌا هوندا.

سنڌي ادبي بورڊ

ماروي جهڙي جسم، جوهر جهلي جنهن قيد ۾
آندي،
عمر جهڙا هوس ماريا، حيوانا تو بڏا هوندا.

سُهڻي کيا سِير ۾ سڏڙا ميهر رسيو، تن ماڳن،
اهڙا عاشق سچا سورهيہ، سهانا تو بڏا هوندا.

بديعل ڪاڻ جنهن ٻيڙا لڙهايا سير ۾ سارا،
نار خاڪي مليا صيفل ڪي تمانا تو بڏا هوندا.

ملوڪت هير جي موهي ڪيو رانجهن، جوڳيئڙو،
حسن وارن جا حملا قاتلانہ تو بڏا هوندا.

❍

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

مرڪڻ ڪيس مستان، من مرجان مانجهي ماريا،
ڪئين سِر ويا لحظي لهي، حيرت انهيءَ رت هاريا.

لب ڏسي لاٽان لاشڪ، ٽين لڪين لالون لڄي،
لالي تهين مان لال ٽي، هر جاءِ رنگ هالاريا.

ڪرنڪ ڪنول ڪئين ڪينڪي، سؤسيني ڪيا سورج
سلام،
گفتار خوش گلشن اِرم، مڪڙي مان گل گلزاريا.

آب ڪوثر ڪان ڪثر، شفتين شاهاٽا شراب،
پان پئمانا پڪون، پي پُر ٽيا پئناريا.

SINDHI ADABI BOARD

سهڻو سجڻ سينگارجي، ”عارف“ اڳڻ آيو عجيب،

سرخي سندن ساڙيو، هينئون تنهن داغ ٻيهر ٻاريا.

❍

سنڌي ادبي بورڊ
SINDHI ADABI BOARD



## ب

دين جو ڪو درس وٺ تون، هي دُنيا بس خواب خواب.
اونو اندر ڪو اهو، اڳيان ملي من آب آب.

رب ارني عرض جو، مليو جوابن ۾ جواب،
پوءِ پلا ڪيئن پيو ڏسي، طور تي ڪو تاب تاب.

سبحان الله چئي ڪيو، مون عشق جو آواز هي،
سونهن جا سجدا ڪري، سائين سچو من ساب ساب.

علم و عقل ڪان ٿي الڳ، ڏي عاشقي جو امتحان،
درس دوئي دور ڪر، سُک برھ وارا باب باب.

سنڌي ادبي بورڊ
SINDHI ADABI BOARD

پيار پيالا پر ڪري، شفتين مان شاهي شراب،
آب ڪوثر ڪان ڪر، ’عارف‘ لبن جو لاب لاب.

❍

رهيو دم دم آهي دِلبر، سنڌي ديدار سان مطلب.
دُنيا ساري سان ڪهڙو ڪم، منهنجو دِلدار سان مطلب.

سنڀالي جو جهان سارو، هلي جنهن عام اوتارو،
آهي ڏيهه کي ڏيڻ وارو، منهنجو ڏاتار سان مطلب.

هجي خاڪي يا ڪو ناري، تڳي سيڪو تنهنجي تاري،
يتيمن ساڻ جنهن ياري، منهنجو تنهن يار سان مطلب.



آهي مالڪ ڏيئي لاهي، رزق ڏاران نہ ڪنهن راهي،
رهيو الله جي آهي، منهنجو اقرار سان مطلب.

خدا جو محب دِل وارو، صفت جنهن جي قرآن سارو،
آهي محبوب موچارو، منهنجو مهندار سان مطلب.

دِلاسا دِلبرين ڏيندو، نهاري ساٿ سان نيندو،
اچي ’عارف‘ اجهو ٿيندو، منهنجو آڌار سان مطلب.

❍

اکيون عاشق سنڌيون آهن، عجب ديدار جون طالب.
ڏِسڻ لاءِ ڏيهه ٿيون ڏورين، مِٺي منثار جون طالب.

اوڪي جاءِ تي وڃي اڙيون، لاثاني لال سان لڙيون،
ڳهرن ٿيون گهوٽ جون ڳهڙيون، مِٺي گُفتار جون طالب.

لڳي ٿيون چار چشمن سان، گُهمن گُلزار گُلشن سان،
ٿيون پالوٽ پرشن سان، پرين پيزار جون طالب.

سنڌي ادبي بورڊ

ڏسيون جلوا پائين جهاتيون، اڳيان چيرا چنن
چاتيون،
ڪروڙين قرب جون ڪاتيون، انهي قربدار جون
طالب.

’عارف‘ جي ساهه سيباٽا، اچن سي راڄ جا راٽا،
مِنا مُشڪي مُشڪ هاٽا، حسن هالار جون طالب.

❍

ب

جي سڄڻ سهٽا گهرن، تون سر ڏيڻ ڪان ڪين
ڪب.
حُسنات جي حملي اڳيان، حاضر هينئون ڪر تون نہ
هب.

بادلن و برسات ۾، جي ناز ور نِڪري بيهي،
بوند سنڙهي سان سجوئي، ٿيو وڃي جنسار جهپ.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

مِل مِل بغل مان پيو بڪي، هي سامري سارو جسم،
ڪير سهندو هي وري جهلڪار، جون جهاپون
جهڙپ.

اهڙي نظاري سان عجيب، اڄ وري ڪوئي ڪٿو،
جيئن واندڪائي ڪان سواءِ، هاري جي آ ڪهڙي
ڪرپ.

عشق ’عارف‘ سور سو نيزو، سوري ڪان مٿي،
سُک سُمهڻ ڪهڙا وري، پيو رُڪ چٽا هر روز چپ.

❍

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

پ

تون اچين سهڻا سڄڻ، مشڪل ٿيئن آسان سڀ.
تو مٿان گهوري ڇڏيان، جاني جسم جند جان سڀ.

چانءَ وارن جي هجي ابرو ۾ سجدا روز شب،
مر لڳن سيني سوان نيڻن سندا نيشان سڀ.

خار گل گونتا گلابي، غرق غب غب غار ۾،
ماهِرو مختصران مڙئي، ماهڙيا مُئان سڀ.

چيڙن سندي چرکي چکڻ، سان چاڪ دِل تي وئي
چري،
مُرڪ اهڙي تان ڪريان، صدقي مٽيا مرجان سڀ.

SINDHI ADABI BOARD

’عارف‘ اڱڻ جي هي اچي، هِنَ عيد کان وڌ عيد



سنڌي ادبي بورڊ

ٿئي،
ديدار سان دِل جو ٿيئي، دارون دوا درمان سڀ.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ت

اج ڪونہ آئين بيوفا گذري ويئي اڄ رات رات.
تون ڪيا نہ واعدا وفا، گذري ويئي اڄ رات رات.

انتظارين ۾ اوسيئڙا، عشق جا انجام ڏس،
نينهن ۾ اهڙا نفعا، گذري وئي اڄ رات رات.

گهر ڏٺي در ڪان ورائي، داغ دوري جو ڏنئي،
پاڻ تي ويئين خفا، گُذري وئي اڄ رات رات.

ڪنهن مهل اقرار عيدون، ڪنهن مهل انڪار اون،
سهندي اِهو جور و جفا، گذري وئي اڄ رات رات.

SINDHI ADABI BOARD

پوئين پهر تون پساءِ، ’عارف‘ اکين روئي ڏِنو،



سنڌي ادبي بورڊ

سڏڪا پريندي سئو دفعا، گذري وئي اڄ رات رات.

❍

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

دِلربا جي دِلربائي ياد رهندي ڏينهن رات.
سونهن وارن سِڪ سوائي ياد رهندي ڏينهن رات.

ويجهڙو تي واري واري، وار وارن جا ڪري،
سي وصل وايون وفائي، ياد رهندي ڏينهن رات.

دِل دِلاسا دائما، دِلبر ڪيا ديدار جا،
ديدار درشن جي دوائي، ياد رهندي ڏينهن رات.

لوڪ سان ڪهڙا لاڳاپا، بس لمح تو لاجواب،
لنؤن سڄڻ تو يار لائي، ياد رهندي ڏينهن رات.

خوب رو جي خيال ڪان، بس خيال خالي تون نہ ڪر،
خيال خانو ۽ خُدائي، ياد رهندي ڏينهن رات.

SINDHI ADABI BOARD

’عارف‘ الاهي عشق ري، ڪنگ، ڪور ڪنهن پاسي



سنڌي ادبي بورڊ

نہ تيا،
هيڪ واحد جي وڏائي، ياد رهندي ڏينهن رات.

❍

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ت

هجي يار تنهنجو سدا هٿ ۾ هٿ.
هلون پيا جهان ۾ وفا هٿ ۾ هٿ.

حسين ماه پارا، هي نوري نظارا،
نہ اُن کان مونکي ڪر، جُدا هٿ ۾ هٿ.

ڪريون ڳجهہ ڳالهيون، نيون ۽ نِراليون،
پرين پيار وارا، پڪا هٿ ۾ هٿ.

عجب نين نِرمل پرين پُر پيالا،
چڙهيا خوب تن جا نشا هٿ ۾ هٿ.

وڄهي جان جوکي، ڪنيا عشق آرا،
سڄڻ سِر جا سودا، سچا هٿ ۾ هٿ.

SINDHI ADABI BOARD

سلي راز 'عارف' هي 'موتوقبل' جو،



سنڌي ادبي بورڊ

اچي 'انت موتو' ٿيا هٿ ۾ هٿ.

❍

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ٿ

هي مسو منڪر مدامي، ٿيو مري مردار چٽ.
بس نہ تنهن مان ڪو بچيو، ٿي ويس گهر ٻار
چٽ.

ويو ڪسي خاني ڪنان، هي خارجي ٿي خوڪ
ويو،
ڪنهن نہ پر پيٽي ٿيو، ٿيس بدن بيمار چٽ.

عاشقن جي دِل رنجائي، اڄ انڌو اوجهڙ پيو،
عاقبت تنهنجي ويئي، ٿيو اندر آزار چٽ.

SINDHI ADABI BOARD

بي ڏوهہ ڏوهي جنهن ڪيو، پيڙا ڏندا جنهن ڏيل
ءِ،



سنڌي ادبي بورڊ

پر سندس ڏاڙهي، سندا سپ وار ٿيا هر وار چٽ.

سپ فقيرن فوج چاڙهي، ويو ’لاشاري‘ لوئجي،
’عارف‘ چئي رد روز ٿيس، علم عقل اظهار چٽ.

○

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

محب منين ميٺ اهڙي، ٿيون مڙئي ماکيون نہ مٺ.
کير کنڊ مصريون مٺين، مڙ مٺائين چاس چٺ.

پيار جا پئمان پياري، پيچ پائي منجهہ پساهہ،
هي اکيون ارواح، انگڙا سپ کسيا سينهار سٺ.

مُحب تون ماهِ لقا، هم سر نہ تو حورون پريون،
سورج چمي سا سرزمين، جنهن پِير پائين يار پٺ.

تو ڪنول، تون نازبوءِ، تون چنبيلي گُل گُلاب،
تون سارو تن غنچہ گوهر، ٻيا مڙئي گُلزار گهٺ.

SINDHI ADABI BOARD

لاڏلا لوٽن مٺان لامون، ڪري لاڙي چڏيئي،




سنڌي ادبي بورڊ

سي وڏا تو وار واري، هن ڳچي ۾ يار ڳٺ.

ڪوهہ ڪُهڻ وارا ڪيپائين، رک قرب ڪاتيون ڪنڌ تي،
وڍ نہ ويساهي ڪجان، لهي ڪٺارن ڪار ڪٺ.

ڪل خوشامد خوبرو جي خونريزي جو خيال،
پر نينهن وارن کي نهوڙي ناز پرور ناز نٺ.

اڄ اکيون ڪن عيد عاليٰ تي قرب وارا تون قريب،
پيرن پٽي پلڪن ۾، پائي ڪِهہ ڳڙينُ جي خاڪ لٺ.

ڪر ملم ميلاپ جو، ڪا محب مُرڪي مئي پيار،
سونهن جي سوالي جو، سهڻا خير خواهہ ٿي خير ڪٺ.

ترس ڪر ترسي هِتي، ڪا رات راڻا پئو رهي،
گڏ هينئن سان هاڻ هينئڙو، حال ههڙي ڪان نہ هٺ.

SINDHI ADABI BOARD

لب لال لالڻ تو ڏِسي، ’عارف‘ هجر اسود چُمان،
ڏي الاهي آب ڪوثر، هن هيڏي کي جام جهٺ.

سنڌي ادبي بورڊ

ٽ

وڏيرن وڏائي وڏائڻ تي وٽ.
رڳو پاڻ پنهنجي پڏائڻ تي وٽ.

پُجي پوڄڙي ۾ ڪيئن پاٽي پيلا،
مُنڍ وارن کي واٽر پيچائڻ تي وٽ.

زميندار ظالم ظلم تي لهي پيا،
غريبن کي ناحق ٿاٽن تي وٽ.

خدارا هي ڪنهن کي ڏوڪڙ ڏيئن ٿا،
فحاشي ۾ مايا وڄائڻ تي وٽ.

نہ ڪنهن سوپ خاطر هو سرڙو ڏيئن ٿا،
ٺلهو پاڻ سورهيہ سڏائڻ تي وٽ.

ڪندا ڪين پوري پگهارن مان،
پوءِ روز رشوت وڏائڻ تي وٽ.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

’عارف‘ هاڻ پَٽ سَٽ مان پوري ٿئي ڪيئن،
بيگم جي فيشن ڦيرائڻ تي وٽ.

❍

ٿ

عريضو چا ڪريان اظهر اندر احوال جا وارث.
هڙئي معلوم آ توکي، هِن هيٺي حال جا وارث.

آهين ڪل شئي مٿي قادر، ڪجا ڪونين ۾ ڪو قرب،
خطا مون معاف ڪر منهنجي، خوباني خيال جا وارث.

ڪيئي ڪُن سان ڪلئي پيدا، تو وٽ ڪائي ڪمي ڪانهي،
سدائون سڻ سگهو سائين سڄڻ هن سوال جا وارث.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ڪنهن کي ڏين تاج شاهي تون، ڪوئي آهي گدا گهر گهر،
حڪم تنهنجو هلي هر جا، تون ئي زر مال جا وارث.

ڪني وٽ زر زمينداري، ڪي پورهيت پيٽ ۾ پورا،
ڪرڻ هرگز نه هيئن گهرجي، پلائي پال جا وارث.

نوازش ڪر نظارن جي، نگاهه ڪرم تو گهرجي،
عطا 'عارف' سان ڪر ازخد عجيب خود خال جا وارث.

❍

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

پ

دِلڙي لائي ۽ ڏکارڻ، پوءِ آهي يار پاپ.
ٻاجهه سان سڀ ٻُهارڻ، پوءِ آهي يار پاپ.

ڪئي ته اٽين دِل اڏوري ۽ ڦٽي ڦرمار ٿي،
سينڌ سئين سنبل سوارڻ پوءِ آهي يار پاپ.

نيم خوابي نيڻ نرگس دوبدو ڏاڙا هٽن،
منجهه ڪجل ڏار ڏارڻ پوءِ آهي يار پاپ.

پيار گهرندي ئي پرين ڪان قطع ڪلامي تي ٿئي،
بس اکر اهڙا اُچارڻ پوءِ آهي يار پاپ.

مايا پنهنجي ملڪيت ٻه هوندو زر ضرورت ڪان سواءِ،
ٻي ڏران ڪا شيءِ اڏارڻ پوءِ آهي يار پاپ.

گهر ۾ حسين جوءِ ٻه هوندي، عادت ٻُري چئجي ڪٽي،
نار ٻي ڪنهن ڏي نهارڻ، پوءِ آهي يار پاپ.

'نحن اقرب' وير ويجهو، ڪرم قادر جا ڪرم،
بس دوئي جو ڏيان ڏارڻ، پوءِ آهي يار پاپ.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

مان ۽ لَڄ شان ڏيندڙ ’عارف‘ رزق ڏيندڙ الله،
تنهن ويجهڙي جا وڙ وِسارڻ پوءِ آهي يار پاپ.

❍

ج

سڄڻ سهڻو جي مِلي سردار، منهنجي ڪاڻ حج.
دلربا جي دِل اندر درڪار، منهنجي ڪاڻ حج.

عرفات مِنيٰ ۽ مڪي، هي مان وارا ماڳ سڀ،
ديدار محمد مصطفيٰ ﷺ منهندار منهنجي ڪاڻ حج.

نور الاهي نار ۾ جي، نور سمايل هجي،
تنهن سونهن کي سجدا ڪرڻ، هر بار منهنجي ڪاڻ حج.

SINDHI ADABI BOARD

محبوب سان مِلندو ڏسي جي، ڪنهن سڙيل ساڙو



سنڌي ادبي بورڊ

لڳي،
پيا لڳن خر خام ڪي، سئو خار، منهنجي ڪاڻ حج.

اڪڙين منجهان ’عارف‘ عجائب شفتين شاهاڻو شراب،
پيو پيئان هر وار تي، مئيخار، منهنجي ڪاڻ حج.

❍

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ج

پيج مولا پيج مولا، عوام تي احسان پيج.
سڪ ۽ صحبت جو سراسر ساز ۽ سامان پيج.

دانهون ڪريان تو در مٿي، دِلدار ڪر ڪا دِلبري،
دردن سندو اي دِلربا، دارون دوا درمان پيج،

آزيون سُٽي الله تون، اڄ مينهن مُنج ٻي ملڪ تي،
منهنجي عرض احوال تي، مالڪ ڏٽي تون مان پيج.

هي سلطنتون سربراهيون، تو سنديون صاحب ستار،
جو خير خواهه ٿئي خلق جو، اهڙو وري انسان پيج.

ڪڍ ڪفر هن ملڪ مان، عربي جي صدقي تون الله،
جو اسلام جي عزت ڪري، اهڙو سخي سُلطان پيج،

SINDHI ADABI BOARD

سوال سُڻ سائين سچا، 'عارف' جي عيبن کي نہ



سنڌي ادبي بورڊ

ڏس،
پرم رک منهنجو پلا، احسان ڪر ايمان پيج.

❍

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ور، ورڻ جي وار وائي، ڪر وصل ونهوار اڄ.
تو ڏِني هينئڙو ٿري ديدون بہ ڪن ديدار اڄ.

دِلدار لائي دوستي پوءِ داغ دوري جو ڏئي،
مهرباني ڪري مِلڻ جي ماه لقاءُ منهندار اڄ.

وِک وڌائي آءُ وري، ورهين سندا ويچا وِسار،
ويهہ ڪريون ويهي دِلين جو واجبي واپار اڄ.

مُنهن ڏِيکاري مار تون، ماڻا ڪري هرگز نہ مار،
ڪر مهاندن سان پلي تون، منتي مارو مار اڄ.

ڪم سڏيون سيني منجها اڪڙيون مالڪ آرپار،
ديني اندر درمان مند دائم ٿين ذڪار اڄ.

SINDHI ADABI BOARD

پيار ساقي سُرخ ساغر، شفتين جو "عارف" شراب،



سنڌي ادبي بورڊ

مر پيئن پيالا پري هي، مست ٿي ميئخار اڄ.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

كرم كر كل تي قوي كونين قادر مينهن پيچ،
عرض عاصين جا سٽي الله اڪبر مينهن پيچ.

چاچري تي چوهه مان، ڪي چوٽ چٽڪارون ڪري،
مُلڪ مُهراڻو مِٽي تي يار ٽر بر مينهن پيچ.

پالوت ڪر ڪا پارڪر تي ڪڪر ڪارونجهر ڪنڌي،
ڪيتار، ڏهلي، ڏيپلو، نروار نگر مينهن پيچ.

آڻ عمرڪوٽ تي، ڪي آب اوهيرن سندا،
گرهوڙ اَڪڙي ۾ پٿورو ڪُنري نبي سر مينهن پيچ.

ڊگهڙي پنگريو ۾ سمن سرڪار تي ڪر ڪي سُڪار،
ميرپور ۾ ميرواهه ستار ساجهر مينهن پيچ.

ملڪ سڀ مالڪ وَسا ٽر جبل ٽاٽا سيئي،
سنڌ ساري منجهه سُڪر اظهار مينهن پيچ.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

سوال سُڻ سائين سدا، سرڪار سارا سڀ ڪرين،
عرض ”عارف“ جا سٽي دِلدار در دي مينهن پيچ.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

جھ

در تنھنجي آه دِلبر منھنجو ھيءَ سوال سمجھ،
آھي اپرو ۽ اڏورو، سو سڄڻ احوال سمجھ.

ڦٽ فِراقي، يار ياقي ديد دوناليون نشان،
مونکي جيڪو ٽيو عطا سو سيوئي مال سمجھ.

توسان ڪھڙو سينو ساھيان، ريس توسان ڇا ڪيان،
التجا آھي اِھا، ايءُ التجا ھر حال سمجھ.

انب نکين، انگور ڇا، ماکيان مِٺا چپڙا ٻئي،
جنھن چکي چس چاشني، سا چاھ واري چال سمجھ.

’قول‘ ’قالو‘ جي اڙايو، انگ الستي اڳ ڪان اڳ،
عھد سان عھد واري، سا سموري ڳالھ سمجھ.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

پير اوکو آ پنھل جو، رج رائو جبل جار،
’عارف‘ ھن پيچ پنڌ ۾ ٻيا مِريئي خال سمجھ.

SINDHI ADABI BOARD

ج

حقيقت حال هي سارو، هجين هوشيار سمجهي وڃ.
سوا ووٽن وڏيرن کي، ڏِسڻ دشوار سمجهي وڃ.

اليڪشن آ اچڻ واري، ويندا وِڪجي هڙئي هاري،
صفا سستي خريداري، سندو واپار سمجهي وڃ.

چاليهه سالون جمهوريت ڇٽ، غريبن ساڻ دڙڪا دڙ،
وڏيرن سان وڏا ٽيا وڙ، وسي ونهوار سمجهي وڃ.

موڳا ٽيو وقت هن ورڪر، ڇٽيو ڇَپ پيا هٽڻ چڪر،
وٽي ڪنهن پارٽيءَ جي پر، ٽيئون نروار سمجهي وڃ.



نه ورڪر اول ڪنهن اٽڪن، سڏو سنئون ٻوڙ تي سٽ ڪن،
سي چٽٽيون چاشنيون چٽڪن، سي يخني يار سمجهي وڃ.



سنڌي ادبي بورڊ
SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

سڄڻ سينگارجي سهڻا مِنا منهڙو ڏيکاري وڃ.
مِنا غم درد جون ڳالهيون، مڙئي مَن تان ميساري وڃ.

دوا دارون دکي دِل جو، تنهنجي ديدار سان ٿيندو،
مٿي مون داغ دوري جون، دِلبر يار ڏاري وڃ.

ديوانہ ڪر نہ تون دانهون، آهي ديوانگي ۾ چا،
حياتي هوش سان پنهنجي، سياڻو ٿي سنواري وڃ.

حُسن تنهنجي ڪري هاجا، رسايو بس هلاڪت ڪي،
ڏيئي ڪي جام جوين جا، مئو جيئڙو جياري وڃ.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

هي ارڏايون انگل آرا، ڪرين 'عارف' اجايا چو،
حقيقي حال سان هلندي، اندر پنهنجو اُجاري وڃ.

❍

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ڪر ملڻ جي مهرباني، ماھ لقاءُ پيرو نہ پيچ،
درد ڪئي دلڙي ديواني، ماھ لقاءَ پيرو نہ پيچ.

تون اچين اجري پون اعمال ۾ لڳڙا لحم،
زهر تو ري زندگاني، ماھ لقاءُ پيرو نہ پيچ.

منڙا اڱڻ منهنجي اچين، ٿورا لکين تنهنجا ٿين،
ٿو چوان ظاهر زباني، ماھ لقاءُ پيرو نہ پيچ.

تون منهنجي مايا ۾ ملڪيت، تون منهنجو مالڪ
ڏٺي،
تو بنا هر شيءِ بيگاني، ماھ لقاءُ پيرو نہ پيچ.

آهن پيريءَ منجھ پرين تنهنجي اچڻ جا آسرا،
توکي بخشي رب جواني، ماھ لقاءُ پيرو نہ پيچ.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

دانهون ڪريان ديدار لئہ "عارف" اچڻ جي ڪر عجيب،
ٿو چوان سچ سان زباني، ماھ لقاءُ پيرو نہ پيچ.

O

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

## چ

اج وري محبوب مون وٽ تون ڪري سينگار اچ،
صبح سانجهي سونهن وارا يار اچ دلدار اچ.

ڳل ڳراٽيون پاءِ پيارل، ديد دوناليون ڪٽي،
وره وارن سان، سُهٽل ٻيا ڪري ونهوار اچ.

واه بادل برسيا ملڪ ۾ مانداڻ تي،
آب اوهيرن اڇل سان، مُند تي ملهار اچ.

لال للڪارن دڙن تي، خوش ٿين ڏڻ ۽ ڏنار،
سيگهه مان ساٽيهه ڏي، سانگي وري سنگهار اچ.

پروسو باري تي آهي، ننگ پرور ننگ پال،
پاڳ سان ڪر پال بيحد، يار اچ صدبار اچ.

SINDHI ADABI BOARD

عشق ۾ ”عارف“ اچيو اُڌمان اُتن، آڏيءَ عليل،
هُن ڪنڌ ڏي سير ۾ ساهڙ ڪري سهڪار اچ.

سنڌي ادبي بورڊ

ڃ

اهو عجائب عشق جا اظهار، ٻئي ڪنهن کان ته پُڇ،
موڙهل منزل محبت سندا اظهار، ٻئي ڪنهن کان ته پُڇ.

فاعلن ۽ مفعولن مان ڪو نه ڄاڻن محبتي،
تون نه سمجهين مون مستي مهڪار، ٻي ڪنهن کان ته پُڇ.

پاڻ طبلائي، وري ٻين کي چوين طبلي نواز،
ماترين تي شاعري پرمار، ٻي ڪنهن کان ته پُڇ.

آدم جي سجدي جو ڪرڻ، فرمان واحد کي وٽيو،
هن سان پلا چا هن ڪيو انڪار، ٻئي ڪنهن کان ته پُڇ.

SINDHI ADABI BOARD

درد و فراق ماجرا، آدم حوا کان وٽ پڇي،



سنڌي ادبي بورڊ

ٿيو هجر ان کاڻ هاڃيڪار، ٻي ڪنهن کان ته پُڇ.

ڪوس ڪربل ۾ ٿيا، معصوم ويا سڀ مارجي،
مون کي ماتم کان نه جهل، مردار ٻي ڪنهن کان ته پُڇ.

❍

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ح

دِلرُبا جي ديد ڏاران، دِل آزاري ان طرح.
بردباري برھ واڌو، بيقراري ان طرح

گهوٽ کان گهورون ڪري، لائن مهل جيئن لاڏ ڪن،
مون گهر اچي محبوب جي، هي شهسواري ان طرح.

منڊ سنهري وِچ سيارو، دِلربا ڳڏ در بہ بند،
بس سڄڻ سهٽي سان گُذري، رات ساري ان طرح.

لڳ لڳن سان پيا لڳن، لبريز نوشي جام جام،
بس برھ وارن ڪي گهرجي تي، بهاري ان طرح

SINDHI ADABI BOARD

هِڪ حويلي هنڌ هڪ ۾، ڳڏ پرين گوشي نشين،
بس پلنگهہ تي ليٽ ليٽان، ۽ پاتاري ان طرح



سنڌي ادبي بورڊ

جيئن گهري تي دِل گهٽي، تيئن پچاءِ ’عارف‘ اميد.
ور سُٽي آزيون سپيئي، آهه زاري ان طرح.

خ

نہ موڙي منهن ڪڍهن، گهم مون ڪنان منٺار پنهنجو رُخ.
پلڪ ۾ تون پساءِ مون کي، پرين ڪنهن پار پنهنجو رُخ.

رهين تو راتو ڏيهان تون، حجابن ۽ نقابن ۾،
ڪرين تو چو نہ تون، پڌرو عجب انوار پنهنجو رُخ.

SINDHI ADABI BOARD

لڳي لُڱن لُڱن اندر لوري، ليئا پائي لڪين چو تو،

چمڻ ڏي منهن مبارڪ تون، اچي اظهار پنهنجو رُخ.

لڳن سان يار لڳ لائي، چَڪُون ڪا چاس چپڙن جي،
نتائي تون نہ ڪر پاسي، نگي نگدار پنهنجو رُخ.

هتائي پوش ۽ پردا اچي مِل يار ’عارف‘ سان،
ڏيکارج تون تہ ڪنهن حيلي، هينئن جا هار پنهنجو رُخ.

❍

سنڌي ادبي بورڊ
SINDHI ADABI BOARD



د

دِل پيئي دلبر پُڪاري، يار ڪر ڪي ڏينهن ياد،
اچ چڏيئي در تان ڌِڪاري، يار ڪر ڪي ڏينهن ياد.

در مٿي دربان جيئن، بس آسري تنهنجي رهيس،
ايندو هئين اڌ رات ڏاري، يار ڪر ڪي ڏينهن ياد.

تو چيو پنهنجي قرابت، قُرب آ تائين قيام،
سڀ چڏيئي واعدا وِساري، يار ڪر ڪي ڏينهن ياد.

پيو جيئان هِن جڳ اندر، بس آسري تنهنجي عجيب،
وچ پُراڻا قول پاري، يار ڪر ڪي ڏينهن ياد.

تنهنجي من جو هينئن تي، ٿو رهي هاجون هميش،
تنهن چڏي جند جان ڳاري، يار ڪر ڪي ڏينهن ياد.

سنڌي ادبي بورڊ
SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

منهنجي روئڻ جي انتها هئي، پرچائڻ سان ڪئي تو ڪانه
گهٽ،
اج ڪيئي چو بي سهاري، يار ڪر ڪي ڏينهن ياد.

در متي هئا، ديرا دميل ديدار جا،
يا ته پاسي نار واري، يار ڪر ڪي ڏينهن ياد.

ڏوهه مون ۾ تيا گهڻا، مِنٿا ڪري تون معاف اچ،
اج تڪس راهون نهاري، يار ڪر ڪي ڏينهن ياد.

تون حُسن جو شهنشاهه، تنهنجو شاهي شان وڏ،
’عارف‘ پيو تنهنجي پناري، يار ڪر ڪي ڏينهن
ياد.

❍

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

تو در اچي دانهون ڪيم، پر ڪا نه ڪئي فرياد ياد.
تنهنجي سونهن ڳاريا لحم، پر ڪا نه اتئي فرياد
ياد.

حُسن تنهنجي جا هميشه، گهاءُ گهٽيرا مون سنا،
ڪانه ڪيئي مرهم ملم، پر ڪا نه اتئي فرياد ياد.

مون چيو شفتين مان ڏي، آب زم زم جو ذرو،
تو ڪيو انڪار ان دم، پر ڪا نه اتئي فرباد ياد.

ويجهي وهڻ لاءِ مون چيو ۽ تو چيو بس هن طرح،
آهي اِها لالچ جرم، پر ڪا نه اتئي فرياد ياد.

قدم بوسي يي ڪري، ڪيڏا وِڏا مون واسطا،
توئي ورايا سپ قسم، پر ڪا نه اتئي فرياد ياد.

دِل قرايم دِلربا ٻيا، خيال ويا سارا سيئي،
ڪين تيندئي هي هڙ هضم، پر ڪا نه اتئي فرياد
ياد.

SINDHI ADABI BOARD

هاڻ ’عارف‘ جا هميشه، مج انگل آرا عجيب،
گڏ گُذار راهه غم پر، ڪا نه اٿئي فرياد ياد.

ڏ

عشق جو آچار وڏ، يا ماهرو منٺار وڏ.
جلوه گري جهلڪار وڏ، يـــا جوهري جنسار وڏ.

ڏوئي چندي دلبر جڏهن، هو سر ڪلهن ٽا ڪن،
ڪَنِ ڪاريهر ڪار وڏ، يا زلف سنبل دار وڏ.

هي پرون محراب جيئن، ۽ منهن سچو ڪعبه مثال،
جاءِ سجدي ڪار وڏ، يا تيغ و تبر تلوار وڏ.

نين نرگس نيم خوابي، ڪن نهاري نيم خواب،
هي ديدون سندئي ڏوپار وڏ، يا ڪوثر طهار وڏ.

شاهي حُسن جي باغ جو، شل باغبان مان ئي
هُجان،
پوءِ منهن ڇهڻ چسڪار وڏ، يا دور ڪان ديدار وڏ.



دِلربا دندان دُر ۽ مُرڪ موهينڊڙ مجيب،
خوش ٿي کِلڻ ڪيڪار وڏ يا جوشولين اظهار وڏ.

چاهِ زکن جو زيب زم زم، پڻ پيئڻ آيا هلي،
پيار جا پينار وڏ، يا مئڪدو مئيخار وڏ.

زير پهري سيم زر، زيور ضرورت ڪان گهٽا،
ڪنٺمال چندن هار وڏ، يا ڏند سندئي انار وڏ.

سو ڳچي ۽ چيلهه سنهڙي سنيهار قد سهڻو سئون،
ميندل ڪبڪ رفتار وڏ يا ڍولڻ هلڻ جي ڍار وڏ.

چُمان ۽ چشمن تي رکان پازيب وارا پيرڙا،
’عارف‘ چُمڻ پيزار وڏ يا سجدا ڏيڻ سئو وار وڏ.

سنڌي ادبي بورڊ
SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ڏ

مهرباني ٻي ته وئي، پر منهن مٺڻ منٺار ڇڏ.
نازور نامي سِر تو، ننگ نه هي ننگدار ڇڏ.

پروسي ٻي دِل نه پرمي، پرجهلا پر ۾ بيهار،
تنهنجا پاڪر پرم پانيان، پر نه هن بيمار ڇڏ.

پيچ پائي منجهه پساهه پيارا، ڪري پاسو نه ڪر،
پريرو ڪنهن پر نه پيارا، هي پرين پينار ڇڏ.

محب مُرڪي مَئي، پيارج، مد مجازي مون مدام،
مامري ماٽن سندي، مهميز مارو مار ڇڏ.

جيئن گهري ٿي دِل گهٽيرو، تيئن گهرائي گڏ ويهار،
هر گهڙي گُل ساڻ، بلبل خاص خدمتگار ڇڏ.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

ڏي اگڻ ’عارف‘ اچڻ، راٽا رهڻ ڏي منجهه رتول،
در مٿي دلدار ٻانهي، هي ٻُهاريدار ڇڏ.

❍

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ڊ

اندر ۾ عجيبن جي آهي اڪنڊ،
نہ چمڪي سگھي ايئن چوڏهين جو چنڊ.

پرين اڄ تہ پرچي گھڙيون گھاريون،
ملون پاڻ ۾ جيئن مليا کير کنڊ.

ڪٽي نيڻ، نيڻن جا جادو هٽي،
عجيبن اسان لئہ منديو آهي منڊ.

مجازي محبت جون مجتائون مڄ،
اسان تي وٺي جيڪو سو رک ڏنڊ.

نہ غافل تي غفلت ۾ گھڙيون وڃاءِ،
شريعت، طريقت جا وڃنداءِ گھنڊ.

SINDHI ADABI BOARD

اميدن جي "عارف" تي جلوه گري،



سنڌي ادبي بورڊ

نڪين مڪ ميارون نہ ڪي ڏوهہ ڏنڊ.

ڍ

برهہ جي بدن ۾ رُڳي آ وَڏو وَڍِ،
وئي سُرت ساڃهہ، سَچي آ وڏو وَڍِ.

سڄو ڏيهہ پرڏيهہ ڏوري ڏٺو پر،
مٽي سر جو سودو اڏي آ وڏو وَڍِ

نہ غم ۾ غرق ۽ خوشين جا خُوبان،
لهي لڳ، لحم ۽ هڏي آ وڏو وَڍِ.

پنهل پيچ پائي، وڃي ڪيچ پهتو،
هي هاڙهي وِندر ۾ وڏي آ وڏو وَڍِ.

ڪُلهن تان ورائي وسيهر وراڪا،
SINDHI ADABI BOARD
نہ دلڙي ڏتاري، جڏي آ وڏو وَڍِ.

سنڌي ادبي بورڊ

غمن ۾ نہ ”عارف“ لڌي سار لالڻ،
غريبن ۾ مايا مَڏي آ وڏو وَڏِ.

ڏ

نہ آيو مهل ڪنهن مون ڏي، منهنجي من جان جو ڪاغذ.
تيم سالون سنياريندي، سندم سلطان جو ڪاغذ.

سڪان سارين هنجهون هاري، پوءِ واري ڪئي نہ پاڳاري،
اڱڻ منهنجي اچڻ واري، مِني مهمان جو ڪاغذ.

ڪري دردن اندر دانهون، لڪيم خطڙا پري آهون،
نہ آيو ڪو اُتان پاهون، نظر پيڪان جو ڪاغذ.

ناهي جنهن جاءِ چوڻ چارو، جتي ڪاڏو قلم وارو،
روئي رت سان لِکيم سارو، پنهنجي ارمان جو ڪاغذ.



سنڌي ادبي بورڊ

گنگهر گهاريم عمر ساري، پرين ڪئي ڪانہ پوءِ واري،
نہ آيو مهل موچاري، مٺئي مرجان جو ڪاغذ.

نہ آيو ڏوهن حِسابن ۾، نہ پرزور خط ڪتابن ۾،
تيس چالان چشمن ۾، انهيءَ چالان جو ڪاغذ.
نيڻ مان نير وهايان پئي، پلئو پائي پڇايان پئي،
وري من کو واجهايان پئي، برن بوستان جو ڪاغذ.

نہ ٿيو ميلاپ جو مرهم، چڪي ٿيا چاڪ هڏ ۽ چم،
وٺان دِلبر اچي ڪنهن دم، دارون درمان جو ڪاغذ.

پريمي پُرلطف پاڪي، رهي هرگز نہ غم باقي،
لکي سهڻو صنم ساقي، پيڻ پيمان جو ڪاغذ.

چاڙهيو جنهن عشق هي چوٽي، آهيان ان جي ڪري ڪوٽي،
مجي محبوب من موٽي، ”عارف“ احسان جو ڪاغذ.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ر

ٽيس حيران اڄ هئي هئي، هينئي جي هار جي خاطر.
پيئي دِل مامري مورهين، مِٺي منٺار جي خاطر.

وِڇوڙي دِل وڍي ويئر، ورن مَن واڱڙي واري،
ويچاري ڪيئن وڏين واهون، وصل ونهوار جي خاطر.

آهيان پيٽي تني جي پر، نہ پانيان پروسو پيو ڪو،
پلائي پال ڪن پيرو، برهہ بيمار جي خاطر.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

پرين پيارا پسان پلپل، پيارين ڪي پکون پرچي،
پرانهون پنڌ اچن پاڙهي، پچن پينار جي خاطر.

”عارف“ اڪثر هجان ها، برابر پونءَ باغن جي،
اچن ها گُل ڪيئن گڏجي، گُهمڻ گلزار جي خاطر.

○

SINDHI ADABI BOARD

تنظيم جي آهي، شجاعت سان شاندار،
چا صداقت مان لِکان، بيحد پلايون بار بار،

کِٿ مِليا رستا تلاءُ ۽ کِٿ مِلي روڪڙ زخم،
کم غريبن جا ٿيا، الڪا لٿا سڀ انتظار،

راهه ترقي جي ڏِسي تو هي ادارو ڏِسي عجيب،
ميمبر آفيسر هن سدا، آهن سيئي ايماندار،

مس زاهده ڏيئو ڪنان ڏوٿين سندا ڏک ڏور ٿيا،
غم لٿا غربت وئي مفلس ٿيا سڀ مالدار،

سخناب کي ’عارف‘ سڄاڻن، اهل قلم ۽ اهلِ دِل،
اٻوجهه کي کهڙي خبر کهڙا، تيئن تا گل انار.

سنڌي ادبي بورڊ
SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

ﭘيا سپ نشا چڙياسون، شوقِ شراب خاطر،
وسريا صنم هزارين نازڪ نواب خاطر.

روحي رکي تہ رايو، سيني سڄڻ سمايو،
ماه لقاءُ لڪايو، منهنڙو حجاب خاطر.

سڄڻن لکي ٿي ساريو، مرڪي نہ منهن ڏيکاريو،
پلڪن تي پاند واريو، نوري نقاب خاطر.

شفتين ڪيف اعليٰ، نوان نينهن جا نشا نرالا،
پيئون پري پيالا، جاني جناب خاطر.

”عارف“ عجيب آيو، پولا لٽا مڙئي پيوَ،
سهٽي سڄڻ کي سئو سئو سجدا ثواب خاطر.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ڙ

دِلربا دوري چڙي دِلدار ڪر مون ڏي مهاڙ.
عيب ڍڪ منهنجا اچي اظهار ڪر مون ڏي مهاڙ.

پال ڪر مون تي پلايون، ٻي نہ ٻيٽي پروسو،
ڪر عنايت آءُ هلي آڌار مون ڏي ڪر مهاڙ.

تو سوا سهٽا سجڻ، ساعت سري هرگز نٿي،
سار لهہ سائين سگهہ، صدبار ڪر مون ڏي مهاڙ.

ڪر مِلڻ جي مهرباني محب مُرڪي مان رک،
مُنهن ڍيڪاري ماهرو منهندار ڪر مون ڏي مهاڙ.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

پيچ پائي يار پهرين، پوءِ پرين پاسا ڪرين،
’عارف‘ نهاري نينهن سان، نگدار ڪر مون ڏي مهاڙ.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

## ز

عشق جي آڙاهہ ۾ عاشق هٽائي روز روز.
پر نہ پرواه يار تو ڪيئي پڇائي روز روز.

مُلڪ مارن جي تان موليٰ ڪيا ڏڪاريا ڏور،
سُک سنگهارن جي مٿان بادل وسائي روز روز.

سڏ سُٽي سُهٽي جا ساهڻ، سير ۾ ساٽي ٽئي،
ڪاٽياري ڪانڌ جي ليلان ليلائي روز روز.

سُور سِرَ تي چائي چادر، سسئي پهاڙن پنڌ ۾،
پئي پنهونءَ جا پنڌ پيرا، پرَ پُڇائي روز روز.

درد مان دانهون ڪرين دِلدار جي در دادلا،
ناز نخري ساڻ سي روهئون رلائي روز روز.

ڪي الستي انگ ۾، رمزئون رهيل مست و الست،
ڪن سان رندي راز پيو، سيني سمائي روز روز.

SINDHI ADABI BOARD

عشق آ شهباز ’عارف‘، بازي بازن ڪان ڪسي،
سُرت، ساجهہ، سوجهرا، سپيئي وڃائي روز روز.



سنڌي ادبي بورڊ
SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

## س

يوم آزادي جشن جي، سونهن ۽ سُرهاڻ ڏس،
شاعر وينا ڪن شوق مان، وهه واهه وري واکاڻ ڏس.

محبتي ميلا متا، ۽ محفلون موجون هتي،
ڪيا قريبن قرب ڪيڏا، قرب وارن ڪاڻ ڏس.

ماڻهو سارا مان وارا، هت هلي آيا حبيب،
ٿيو عجيبن جو اچڻ، من تان ويئي مونجهاڻ ڏس.

ملڪ وارا محبتي، ۽ مان ڪيڏو ملڪ جو،
اڄ مندن تي مينهن موجون، ۽ مندل مانڊاڻ ڏس.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

’عارف‘ عجيبن جي اچڻ سان، ٿيا صفا شاهي شتاب،
جا بجا بجليون بتيون ۽ چؤطرف چانڊاڻ ڏس.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ڳجهيون ڳالهيون ڳڻن واريون، ڳايو پئي يار ڳائيندس.
نِسورو نينهن جو ناتو، نماڻي تي نڀائيندس.

ڏِسي تنهنجي پاڪ پيشاني، لڳي حورن کي حيراني،
سجڻ جي سونهن جا ثاني، قمر ڪوڪن نه پائيندس.

سجڻ سنئين سينڌ سينگاري، وڏئي وارن جا واري،
ڪِلڻ ڪان تو ڇڏيو ڪاري، روئي توکي ريجهائيندس.

ڳنگهر پيا ڏينهن گهاريندي، تو لاءِ نِڪريو نهاريندي،
هنجون هر روز هاريندي، پلئه پنهنجا پسائيندس.

مِنا موتي سندا داڻا، رهاڻيون روز ڪر راڻا،
اگڻ ايندي ڇڏي ماڻا، مِنا عيدون ملهائيندس.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

چمَر چاڻُون چپر تيندين، دِلاسا دِلبرين ڏيندين،
محب مِنڙا مِلڻ ايندين، ويهي هنجهه ۾ ويهاريندس.

ڳراٽيون ڳل ڳچيءَ پائين، لڳن سان لال لڳ لائين،
اول ’عارف‘ آخر تائين، سجڻ تنهنجي سڏائيندس.

❍

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ش

چڏي ڏي محب تون ماڻا، مون کي ماريو تنهنجي رنجش.
اڇڻ جي ڪانءَ ڪيئي ازخود، اندر ڳاريو تنهنجي رنجش.

رسي جنهن دم ويئين راڻا، ويئو آرام اکڙين جو،
ڪائڻ پيئڻ ويئا وِسري، ڪِلڻ ڪاريو تنهنجي رنجش.

ايندو هئين ڪاڪ تي ڪاهي مَيو مَهري مُهارن سان،

SINDHI ADABI BOARD



مِلڻ مهلون وساريون تو، ٽاڙو تاريو تنهنجي رنجش.

’عارف‘ هئا مچ محبت جا، عشق ۾ ڪانءَ اَيري تيس،
پلا هي بي رُخي ۾ بس، بدن ڳاريو تنهنجي رنجش.

○

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ص

گڏ رهڻ جي راءِ راڻا، ڪر رهائش راس خاص.
درد دِل جا تو سڻايان، ڪولي خبرون خاص خاص.

قياس دِلبر ڪونہ ڪيئي، محب ماريندي مِڻا،
جي هنئي ديدون دوناليون، سي بندوقون باس خاص.

باغبان مونکي رهاءِ، پنهنجي پلاري باغ ۾،
رُخَ تنهنجو بوستان ارم، هيڪار هر هر واس خاص.

پال تنهنجا لک پلايون، پر پلا پر ۾ بيهار،
هاءِ گهوڙا ڪا گهڙي پيارا، رهائين پاس خاص.

زابر زخم آهن اندر ۾، ڪنهن کي سڻايان پاس خاص.
تون وڍيندڙ ويچ تون، ڪورين تون تن تان ماس خاص.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

اي! عجيبا در اوهان جي آهي ’عارف‘ التجا،
دم حياتي جا پڄن پيئندي چپن جي چاس خاص.

❍

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

## ض

آهي هر ڪنهن حال ۾ الله اڪبر کي عرض.
ٻيو ڀلا ڪهڙو ڪريان ديوار ۽ در کي عرض.

ڏيھ جو ڏاتار هِڪڙو ڏان تنهن ڪان ٿو گُهران،
ٻيو ڀلا ڪهڙو ڪريان سلطان سڪندر کي عرض.

هڪ وحدهُ وارث وسيلو ۽ وسيلا ٻيا نہ ٿو،
دربدر ٿي ڪونہ هاٽي شهر بازر کي عرض.

هر جاءِ حڪم تنهنجو هلي، هر جاءِ حُسن تنهنجو حبيب،
جڙتو سيئي جام جايون، محراب مندر کي عرض.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

ويا لهي اُلڪا اندر ’عارف‘ اڳڻ آيو عجيب،
سؤ دفعا سجدا ڪيم، سردار سرور کي عرض.

○

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ط

مھ لقا محبوب ايئن پيرو پڇڻ آهي غلط.
وره وري وارث سگهو تون، مُنهن مَتڻ آهي غلط.

دائما دِل دامِ جنهن جي، تنهن کان دوري در گُذر.
دِلبر اڳيان دعويٰ سندو، پيو دم پرڻ آهي غلط.

نينهن جي ناتي چڙهي، نوري نظارا ماڻجن،
ناز نيڻن جي نگاهن، کان نسڻ آهي غلط.

SINDHI ADABI BOARD

وير ورنهه ويجهڙي کي، ساڻ ويسهه گڏ ويهار،



سنڌي ادبي بورڊ

وير وحدت ۾ وڃي، واپس ورڻ آهي غلط.

سر سڄڻ جي سام پيو، سهڻو سڏي سوري مٿي،
’عارف‘ الاهي عشق ري، اوجهڙ اچڻ آهي غلط.

○

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

سجڻ ويا سال گُذري ڳچ، نہ آيو يار تنهنجو خط.
اِهو من تي ٻري ٿو مچ، نہ آيو يار تنهنجو خط.

توکي ڪنهن چغل چوريو يا، پاڙهي تو ڪئي نہ پوئواري،
چوان سهٽا سڄڻ ٿو سچ، نہ آيو يار تنهنجو خط.

ڏٺي ڪي ڏينهن ٿيا، ڏاڍا نہ آئين تون اڱڻ منهنجي،
هئا ڪي ڪوڙ مون ۾ ڪچ، نہ آيو يار تنهنجو خط.

پري هئي پوسٽ توکان، يا قلم ڪاغذ نہ هٿ آئيي،
لفافي تي گهٽو ڪو خرچ، نہ آيو يار تنهنجو خط.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

’عارف‘ ايندين تہ ٿيندي آس، پوري مون سندي سائين،
آهي مون ڪي نہ ٻي لالچ، نہ آيو يار تنهنجو خط.

○

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ظ

لڳا ديدار تي پهرا، نظارن جو خداحافظ.
وريون وائون جَهڪَون جهولا، بهارن جو خداحافظ.

حُسن هر جاءِ حاضر آ، حڪومت ڏس حسنين جي،
پانئي تو هر ڪو پورل ڪي، ۽ ڪارن جو خداحافظ.

وڄائي وڙ سيئي ويتر جويون ڪن جنگ ۽ جهيڙا،
اهڙي جُٺ ڪان بچيل ٿورا، هزارن جو خداحافظ.

گلابي گُل ڪندا گڏجي، پيئن تا آب هِڪ بي سان،
گُلن جي پالنا ناهي، تہ خارن جو خداحافظ.

ڪڏهن ڪنهن دم ڪنهن جي پارن، اڪيون ۽ هٿ ڳالهائين تا.
مِلن جو روبرو جهٽڪون، اشارن جو خداحافظ.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

مِلڻ جي مهل ۾ ’عارف‘ ڪنهين دم محب ماڻا ڪن،
باقي اڄ ڪلهہ سياڻي جي، سهارن جو خداحافظ.

❍

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ع

محبوب کان مرهم مليو، مرضن ڪئي بس الوداع
ڏوڪڙا سڀ ڏور ٿيا، ڏوکن ڪئي بس الوداع

مند ملهاري مُلڪ موريا، هر جاءِ ٿيا ساونڻ سُڪار،
ٿيا ڪاشتڪارن تي ڪرم، قرضن ڪئي بس الوداع

قرض و مرض ڪل معاف ٿيا، غربت ويئي گوندر گهٽيا،
در ڪُليا ديدار جا، دردن ڪئي بس الوداع

ٻاجهه واري ٻاجهه ڪئي، سائين ڪي ڪيا سانگين سوال،
هر جاءِ آباديون اپر، الڪن ڪئي بس الوداع

رحمان تنهنجي رحم سان آسوندن آسون پُنيون،
روڄ راڙا بند ٿيا، سڏڪن ڪئي بس الوداع

SINDHI ADABI BOARD

هيڪڙن جو حڪم هڪدم، ڪيو وري هادي حڪيم



سنڌي ادبي بورڊ

واه وه ويساهه سان وهمن ڪئي بس الوداع

لبريز لب نوشي ڪري، ”عارف“ ٿيا سي آبوَر،
خوش خيال سان خوب ٿيا، خامن ڪئي بس الوداع

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

غ

توئي يڪي سر يار جي بس، يار ياري باغ باغ.
با وفا تنهنجي هميشہ، بردباري باغ باغ.

تون اچين عيدون ٿين، جو دم جُدا سو دم عجيب،
برھ ۾ جيڪا ٿئي ٿي، بيقراري باغ باغ.

تو چيو انجام تي، ايندس وري اُميد رک،
آمد انهي جي دِل اندر ۾، انتظاري باغ باغ.

تنهنجي ملوڪت ساڻ منهنجو، مانَ ٿيو سڀ ملڪ ۾،
ذوق تنهنجي جي اندر ۾، زرنگاري باغ باغ.

روبرو روئي پوان، جي لُڙڪ هي زارو قطار،
چا عشق تنهنجي ٿيئي سان، اشڪ باري باغ باغ.

شب روز تنهنجي شوق ۾، ها نہ مِليا تہ بہ شان وت،
تنهنجي خدمت ۾ هجان بس، خلب خواري باغ باغ.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

اج قريبن قرب جا، پاتا قدم ’عارف‘ قريب،
آئي عجيبن جي اڱڻ تي، شهسواري باغ باغ.

○

ف

منهن ڏِسڻ محبوب ڏي، رُخ تان هٽاءِ گهونگهٽ غلاف.
عاشق اچي ان جاءِ ڪن ٿا، طلب وارا ٿي طواف.

پيار درسن سان پرين، دِلڙيون ٺري دوري نہ ڪر،
محبت سندو بس ڪونہ ٿيندئي، محب اهڙو ڏوهہ معاف.

SINDHI ADABI BOARD

پير پيادي پهچ ناهي، پهچ پيارا تون اچي،
قرب ڪر چو تو ڪرائين، هي ڪشالا ڪوهہ ڪاف.

سنڌي ادبي بورڊ

احّد احمّد پاڻ ۾، ڪانهي ٻيائي ڪا ڪِٿي،
بي دين سمجهين دور تون، هرگز لٻاڙون هڻ نہ لاڦ.

عشق جو اولو وٿي، ’عارف‘ عجيبن ساڻ اور،
سونهن کي سجدا ڏيئي، صوفي سڃاڻج سئير
صاف.

❍

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

ڦ

رک دوستي جو ڏيان، اندر ساڻ ديگر تون نہ واڦ.
عشق جون ڳالهيون ڳجهيون، محبتن جو مظهر تون
نہ واڦ.

دلدار دِل منهندان اڇي ٿو هل ڪرين ها چو نہ پوءِ،
محبوب سان مِلندو ڏِسي مُردار مُنڪر تون نہ واڦ.

منهن چڙهي محبوب کي، مائٽ پلي مهٽا ڏيئن،
پس گلا غيبت ڪري گم گمنام گازر تون نہ واڦ.

سگ سڄڻ جا دڳ جهليو، ٿو دربدر دانهون ڪرين،
بس ٺلها ٺاٺتا وري، اڄ ٺوس ٺانگر تون نہ واڦ.

سهڻو سڄڻ مون سان ڏِسي، ساڙو لڳئي تہ ٻہ سور
SINDHI ADABI BOARD
ساند،
بس پُرِي پورا نہ ٿي بيڪار، بازر تون نہ واڦ.

سنڌي ادبي بورڊ

’عارف‘ عشق الله ۾، تون شعر شاهاڻا ٻہ لِک،
پيا ڪري گُفتا غلط، شيطان شاعر تون نہ واق.

❍
ق

منجهان قيس مجنون بنايو عشق.
منصور سوري سڏايو عشق.

چڏ ماڳ مسند هي مرليون ڪٽي،
تاج تخت رانجهن کي چڏايو عشق.

ڪيا سڏ ساهڙ کي اچي سير ۾،
ميهر منجهہ درياءَ ملهايو عشق.

پنهون هو شهنشاهہ والي ڪيچ جو،
ڪٽي خاص تنهن کي ڪرايو عشق.

مومل هئي مجازي سدا مام ۾،
اچي ان کي آڙاهہ چڙاهيو عشق.

برهہَ ۾ برُوو هو تيو ڪامياب،
سچو ماس تن جو ڪاپايو عشق.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

پوريءَ ڪاڻ ڏسو تيو قل فقير،
درد منجهہ در پنايو عشق.

سيفلُ ڪاڻ، بديعل بيراڳي بڻيو،
سچو سات ’عارف‘ لڙايو عشق.

❍
ڪ

مون سخن سُهڻا سيڪاريا، تو سجڻ سنيهار سڪ.
تون هُجين هردم هيئن حاضر، هيئين جا هار هڪ.

پيا سڪڻ سوراخ سيني، سار سنڌ سنڌ مان ويئي،
دردن سندا دارون تيو، پياري پرين پينار پڪ.

ذوق ۾ زاريون ڪيم، تہ ٻہ ڪرين زورايون،
عرض اظهاريون اڳيان تو، لالڻ ڪريان کهڙي مان

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

لڪ.

درد دوري ويو وڃي، ڪو ڏي دلاسو دلربا،
در اڳيان دربان کي، ڌاريون ڪري دِلبر نہ ڌڪ.

تنهنجي اچڻ ساڻ هي، اڱڻ ’عارف‘ سندا اُجري پون،
تو لاءِ سڄڻ سهٽا ڪيا، مون نير واهي نيڻ نڪ.

❍

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

سنسار ۾ سهٽا گهٽا، پر منجهہ هينين تون يار هڪ.
دِلربا درسن ڏيئي دلدار در تان تون نہ ڌڪ.

ڏِسي تنهنجي سڄڻ صورت، پيا سالڪ سجودن ۾،
چڙي مسجد مندر موتيا، پرين تنهنجي پيئڻ لئہ پڪ.

ڏيئي پيار کو پهرين تون، رئاڙيئي رندن چو مون،
تو لاءِ نير واهي اچ، ڪيم پڻ نيڻ پنهنجا تڪ.

ناهي جي پردو پرور ڪان، پرائڻ ڪان ڪهڙا پردا،
سرِ بازار مِل سهٽا، لوڪ ڪان آ کهڙي لڪ.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

قرب وارا ڪرين ڇو ٿو، اڇڻ ۾ دير ڪا دِلبر،
سگهو سينهار مل سهٽا، سهي ’عارف‘ نہ سگهندو سڪ.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

دِلربا دوري نہ ڪر، آ تنهنجي درشن جي درڪ.
محبت اندر آهي مرڻ، هروار مشتاقن مرڪ.

ڪو مِلڻ جو مهل جنهن، مرضي پوئي ايندس اتي،
بس اونداهي رات ۾، لانگها لتاڙي لوڪ لڪ.

توسان ناتو نينهن جو، بس هو ازل ڪان ئي اڳي،
پر هتي هٽي ڌاڙا دِلين جا، ڪو ازل ڪان ئي اِڪ.

دوبدو ڌاڙي جي خاطر، دِلبر دوناليون ڌارين،
ڪير سهندو ڪونہ ڪو دِلربا ديدن جا ڌڪ.

SINDHI ADABI BOARD

’عارف‘ اول اعلان هو الله جو، اهڙي طرح آدم ڪي،
سجدو هي سچو ناهي، شرڪ تنهن ۾ ڪو شڪ.

سنڌي ادبي بورڊ

# ه

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

ميم در بر ڪيم ڪر دلدار پنهنجو دردناڪ.
تنهنجي حُسن ڪيئڙي چري هي دِل ديواني چاڪ چاڪ.

شعاءَ شمع تنهنجي متي پروانو هي پچندو رهيو،
حسنات جا حملا ڪندي ڪئي، جسم سارو هي هلاڪ.

زير سهري سپ محبتون ٿياسون ضرورت آهر زم،
پئي قدم بوسي ڪئي سون پيش قدمي ڪي ڪلاڪ.

مات منهنجا ڪر مِنا ۽ عرض ڪر منهنجا قبول،
اڪيرون چُمان ۽ لب چُمان ۽ چُمان هي پير پاڪ.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

عرض ’عارف‘ جا سُٺي، ساڳي سنگت کي تون سينار،
تا رهون هڪ راڄ، پنڌ، جا ۾ تي بلاڪ.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

ڪ

بي عقل سان دوستي ڪرڻ جو، آسرو ئي نہ رک.
بيوفا کان وفا وٺڻ جو، آوسرو ئي نہ رک.

قدرت سان جيڪڏهن گڏهہ تي سونا سنج تي پون،
تہ هن کي گهوڙي چوڻ جو، آسرو ئي نہ رک.

ادب ۽ اخلاق نہ مِليو، دولت مِلي تہ ڇا ٿيو،
دُنيا ۾ بخيل ۽ ظالم تي رهڻ جو، آسرو ئي نہ رک.

شان ۽ مان وارن کان، مان مِلي ٿو ضرور،
بي عزتي کان، عزت مِلڻ جو، آسرو ئي نہ رک.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

’عارف‘ طالب تئين تہ، شاهہ جو تي،
ٻي ڪنهن کي مڃڻ جو، آسرو ئي نہ رک.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

گ

ڪوئي نہ ساٿي ڪنهن سان سنگ، واه زمانا تنهنجو رنگ،
واه زمانا تنهنجو رنگ، ڪوئي نہ ساٿي ڪنهن سان سنگ.

ڪوئي نہ ڪنهن جو آهي پائي، ويتر ويئي وڌي وڏائي،
ڪري ٿو هر ڪو پنهنجي پڏائي، ناحق جوٽيو وتي جنگ.

ڪلفت ڪاهي پئي گهٽيري، پاءُ ٽيئو بس پاءُ جو ويري،
هر ڪنهن سوڙ آ پاڻ ڏي سيري، ويرين پاتا ڏاڍا ونگ.

شاعر ٿي ويا لک ڪروڙا، گهاءُ نہ دل ۾ گهوڙا گهوڙا،
ڪي تہ گهمن پيا جوڙا جوڙا، ڪن جي ڪارڻ پينگ پڙنگ.

سنبري نڪتا سر اگهاڙا، جوان جسم کي مرد ڪُراڙا،
خالي ڪيسو هٽن لپاڙا، عشق جو بيٺا چوري چنگ.

SINDHI ADABI BOARD

”عارف“ مات تون ڪر مولائي، آهي سونهن ڏسڻ جي سپ سولائي،

سنڌي ادبي بورڊ

عشق ۾ ڪانهي ڪا اولائي، هر شماعون هر پتنگ.

❍

ڳ

تيو محب مهمان اڇي هن ماڳ.
ڪيا ڀاڳ پورل پلارا ٿيا ڀاڳ.

ٿيا بخت بالا بزم جون بهاريون،
سريو هو ڪنهن ساعت سڄڻ جو
مهاڳ.

عجيبن اچڻ سان ٿيون عيدون اپار،
سريو ديد دائم ويو اُڏري اياڳ.

SINDHI ADABI BOARD

جني لاءِ سڪيا تي هينئون ماه هڏ.



سنڌي ادبي بورڊ

وڻائين مِليو تن وصل جو ويراڳ.

’عارف‘ هي اُميدون پُنيون من اندر
جون،
آيو دوست دِلبر رهاڻيون راڳ.

❍

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

گهه

توکي دلربا ملائڻ جي سگهه.
گوندر غم منهنجا گهٽائڻ جي سگهه.

ڪيئي قول ڳنڍجي ڳُذارڻ جا هردم،
توکي آهي واعدي نڀائڻ جي سگهه.

اڱڻ آءُ پيارا پري چو تو گهارين،
توکي آهي پر ۾ بهارڻ جي سگهه.

ڏکويل کي ڏکڙا ڏيئڻ جا نہ ڪر تون،
اٿئي غم گوندر مٽائڻ جي سگهه.

نہ ساعت سري ٿي سِگهو آ سڄڻ تون،
توکي آهي ويڙهي وسائڻ جي سگهه.

SINDHI ADABI BOARD

’عارف‘ اُميدون ڪر پلڪ پرتون



سنڌي ادبي بورڊ

پوريون،
توکي آهي دانهن انائڻ جي سگهه.

❍

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

## ڱ

ٿهي ڪيئن عقل ساڻ نادان جو سڱ.
مگر پوءِ ٻـ محبوب جند ڄان جو سڱ.

وڏي توڪي جيڪي، ڪرين جيڪا
حڪمت،
هلي هر جڳهه تنهنجي فرمان جو سڱ.

اچيو زلف جڏهن ٿا اُلٽن ڪُلهن تي،
اچي آزمائش ۾ ايمان جو سڱ.

ڪريو يار پيرو، اسانجي اڱڻ تي،
ٿهي ميزباني ۾ مهمان جو سڱ.

چئي ’ڪن‘ تو جوڙيو هي جنسار جاني،
’الستي‘ اُتاهون سنڌئي شان جو سڱ.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

مٿان عشق ’عارف‘ آ ديرو ڄمايو،
نظر ناز سان آهي نيشان جو سڱ.

❍

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ل

هرجا حسين حاڪم، هرجا حُسن جو هُل هُل،
رُخسار چهرو احمر، گهرو گُلاب گُل گُل.

جهلڪار جسمي جوهر، اظهر عجيب عاليٰ،
منهنجو حبيب هيرو، ناهي مٽيئي جو مُل مُل.

سُهڻي صفات صورت، محبوب ماهه بدري،
شفتين لب سراسر، لبريز ڪيف قُل قُل.

درمان درد مندن، ديدار دم جو دائم،
دِلبر جي لاءِ سِڪ دِل، گُلزار ڪاڻ بُل بُل.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

مالڪ جي گهر جو مالڪ، ’عارف‘ علي ازل کان،
حامي حشر ۾ ٿيندو، هسوار يا دُل دُل.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

محب توسان محبت ڪرڻ بيمثال،
هٿن سان حرڪت ڪرڻ بيمثال.

سندو مان محبن مٿي ملڪ ڪان،
عجيبن جي عزت ڪرڻ بيمثال.

حسينن جي هر دم ڪجي حاضري،
نجيبن سان نسبت ڪرڻ بيمثال.

محبوبن جي محفل منجهان ئي انهي دم،
رقيبن کي رخصت ڪرڻ بيمثال.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

’عارف‘ عاشقن سان معشوقن جا ميل،
سچن سان صداقت ڪرڻ بيمثال.

❍

SINDHI ADABI BOARD

جيئن تين گجگاهه گوڙون، نيس دِل ڏاڍا نڪا،
تيئن حڪم حسنات سان، ابرو الارا هون شال.

جيئن وسن ٿا وڏ ڦڙا، آڪاڙ سانوڻ ۾ ابر،
تيئن نجيبن ڏي نهاري، نيڻ نارا هون شال.

جيئن تنهنجي ديا هر ديس تي، پر سنڌ ساري تي سُڪار،
تيئن وصال يار جا، هر وار وارا هون شال.

جيئن پلر پالوت ڪئي، يوپي ڪراچي ۽ بنگال،
تيئن مجازي جا قدح، لبريز سارا هون شال.

جيئن ٿيا سيلاب ڪان هئا، بيگناهه برباد ڪئين،
تيئن طالبن مطلوب منجهه، محبت جا مارا هون شال.

جيئن بوند برسي ڪيون، بهاريون، تر بر پيِڙا پچي،
تيئن چال چوڙيلن سندا، چيهي تي چارا هون شال.



جيئن ڏنارن جون دڙن تي، للڪار لاٿيون لوڪ گيت،
تيئن دردمندن دِلفريبي، نظم نيارا هون شال.

جيئن ڪير ڏُڌ ۽ پيون خوراڪون، خلق ڪايو خوش گهمي،
تيئن وٺيون وصلات پي، مانجهي متارا هون شال.

جيئن گرڙ گولاٽڙن سنديون، وڻ ڪي وليون ٿيون ويڙهجن،
تيئن ڳُل ڳراٽيون ۽ ڳچي، ۾ زلف ڳارا هون شال.

جيئن ازل جي ڏينهن ڪان، روحن ڪئي گڏجي رهاڻ،
تيئن تني ڪي هت سريا، پورا يا ڪارا هون شال.

جيئن عام لاءِ عيدالفطر، يا عيدالضحيٰ تي اچي،
تيئن سوز دِل ستاويهن رجب، جيئن سال ساراهون شال.

جيئن ٻڌي حُب جون هُڙيون، حاجي هلن حرمين ڏي،
تيئن طالبن جا تار ٿيل، طلبن طيارا هون شال.



سنڌي ادبي بورڊ
SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

تون سڄڻ ڪِج ساھ سوڳھو، سَنڌَ سِري ثابت سميت،
مر ملائڪ جا متم، مورھين مارا ھون شال.

قرب سان منھنجي ڪفن ۾، ڏجو يار گيسوئن غلاف،
تن پسي ٿيندا پري، جي پچڻ وارا ھون شال.

پاڪ ڪلمن جي پڙھڻ سان، پُل صراطون ٿيون پري،
چا ڪندا ميزان محشر، دِلبر دِلارا ھون شال.

ڏوھَنَ سنديون پُرزا پٽيون، مورھين ويندڀون ميسارجي،
سامُھون سڄڻ جي سونھن جا، سالم سيپارا ھون شال.

پر نہ پرڪي ھي پروليون، ڪاڻ چَترُڪ چيز ھي،
جنھن ۾ سمايل سونھن، سرور جا ستارا ھون شال.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

وِچ اورانگي اوريان، اڳتي عجيبن وٽ اوطاق،
’عارف‘ عدم ۾ عارفن ازخود اوطارا ھون شال.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

۾

کيو ديدن عجب دِلبر، سندو ديدار رستي ۾،
ويراڳين سر وڍڻ خاطر، ڪيائين وار رستي ۾.

ڪيائين ڪٽ، لھي ويا ڪٽ، لاٿائين ڪٽُ ڪتاري
جو،
ڪُسيا ڪونڌر ويا ڪيھر، قتل جي ڪار رستي ۾.

تبر تاري، پيو توڙئون، نہ ڪيائين ترس تِر جو ڪو،
خوشامد خونريزي جي ڪِلي، ڪيڪار رستي ۾.

ملائڪ ڪي موٽائي، پاڻ، مارڻ لئہ بنيو ماري،
نہ مورھين موت ڪان بچندا، مدامي مار رستي ۾.

نہ ڪنھن دم قياس ڪو ڪنھن تي، روئڻ ۽ روج ۾
راضي،

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

لُڇي ڪيئن لال پيا، ليئن برھ بيمار رستي ۾.

’عارف‘ ايندو اڏي تي ڪو، سنڀالي سر صفا سورھيہ،
وھن پيا روز جِت رت جا، نديون ۽ نار رستي ۾.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

هليو محبوب اڄ مون سان، روان ٿي راهه رستي ۾،
هينئون ۽ حال هٿ ڪيائين اکيون ارواح رستي ۾.

دوئي ڪان دور ٿي داناءُ چيو سهڻي سنيالي هل،
ڪچان ڪنهن پر وڃان ڪاڏي، ڪيائين ڪاهه رستي ۾.

منجهان سُر پُر چيو سُهڻي، صفا صورت سُجاڻي وت،
رکي معنيٰ سندي مورت جي، آيو الله رستي ۾.

روئندل ڪي ريجهائڻ لاءِ، پرين پيوند پاتا پرچي،
ڪيون موٽي مهربانيون، منور ماهه رستي ۾.

SINDHI ADABI BOARD

ڇڏي ٻيڙيون ٻيائي جون، ٻڏي توڪل سندو تُرهو،
وڏي وياسون ويراڳي ٿي، ڇڏي ملاح رستي ۾.



سنڌي ادبي بورڊ

’عارف‘ اظهار ٿي آيو، رکي آدم سندو اولو،
انهي سرڪار سان سرتيون، سبيو ٿم ساهه رستي ۾.
(

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ڏينهن.

ڏي شفا شافعي جهان ’عارف‘ اڳهايون عيب لاهه،
ڪين ڏس منهنجي ڪچائي، ۽ ڪواري چار ڏينهن.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

سال گذُرڻ بعد آيو، يار آزادي جو ڏينهن.
جا بجاءِ ٽيئڙا جشن،، جنسار آزادي جو ڏينهن.

نينهن ٽيڙا، مينهن ٽيڙا، ڏيهه تان ويڙا ڏڪار،
ڏک ويا سُک سان ڏِنو، ڏاتار آزادي جو ڏينهن.

ٻيانوي تي ٻاجهه ڪئي، ڪونين جي قادر ڪريم،
آگسٽ چوڏهين تي ڪيو، ڪلتار آزادي جو ڏينهن.

سنڌ، بلوچستان، سرحد، پنجاب تي پسجي پذير،
چئين صوبن کي سريو، سينگار آزادي جو ڏينهن.

ڪرم سان قادر ڪيو، وڏ مان پاڪستان جو،
رب ڪان گهرون ٿا، هر گهڙي گُلزاري آزادي جو ڏينهن.

ديس واسي تي رهون، پيائر برادر پاڻ ۾،
هر وار محبت سان ڪريون، سهڪار آزادي جو ڏينهن.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

پاڪستان جو پرچم ڪٽي، دُعائون گهرو دم دم
دلبر،
’عارف‘ رهي مثل آبرو، اظهار آزادي جو ڏينهن.

❍

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

اڄ سڄڻ سهڻي سنڌئي، سينگار تان قربان جان.
ٻي ٻاجهه جي ٻولي، سنڌس گفتار تان قربان جان.

اڄ پرين پيرا پري، ڪئي پوئواري پيار سان،
تنهن روحاني راز جي، رفتار تان قربان جان.

دِلربا ديدون اڙائي، من دوا ڪن درد جي،
دائم آهي درسن سنڌئي، ديدار تان قربان جان.

ماهرو مشڪي صنم، موٽي ملاقاتون ڪري،
ڳل ڳراٽيون جي وجهي، مننار تان قربان جان.

SINDHI ADABI BOARD

مَنَ اُنائي آهه زاريون ’عارف‘ اچن اوڏا عجيب،

سنڌي ادبي بورڊ

ورنهہ تين ڪي ويجهڙا، تنهن وار تان قربان جان.

❍

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

سڄڻ جون صحبتون سرسيون، پلا جن ڪي سربون هونديون.
تني جون چاھ ۾ دِلڙيون، چوان سچ تو چربون هونديون.

پري ڪان پرتوا پيئڙا، پڄڻ سان پريم پوري تي،
پتنگ پروان ڪن پڙ تي، پسڻ ۾ سي پربون هونديون.

سڳين ۾ يا ڪيائون سوگها، وسيهر وار وھ وارا،
لڪين زندان ڏيا زوري ڳتيون تن جون ڳربون هونديون.

زخم جا چو ڏيا پيرا، چٽيون گهورن سنديون گوليون،
سڏا سوراخ سيني ۾، نڪي واپس وربون هونديون.

ازل ڪان پيچڙا پائي ڏِنا، جن ديد دِلبر جي،
عوشاقن سر متي باهيون، هتي پيهر ٻربون هونديون.

مجازي جون سهي مارون، رهيا محلات مورت ۾،
تني جي سر متي، سورن پنل پاري پربون هونديون.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

’عارف‘ جا ٻول ٻاجھارا، نہ وانجھيل ڪي وٽيا چا تيو،
نظم سُٽنڊي اکيون نس نس ٿاھوڪن جون ٿريون ھونديون.

❍

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

اڃڻ سان اوچتيون ازخود، اکيون اکين سان اڙجي ويون.
گھڙي ۾ گھاءُ ٿيا گھائو، گھايل گھورن سان گھڙجي ويون.

ڪُهَڻ خاطر ڪٽي ڪاتيون، قريبن ڪار ڪئي ڪھڙي،
ڪنڌين جي قيد ۾ قابو، ڪُٺيون قسمت سان ڪڙجي ويون.

سوا سينگار ۽ سرمي، ستاياڻون سوز وارن ڪي،
سڪنديون صرف ھڪ ساھي، سڏيون سيگن سان سڙجي ويون.

SINDHI ADABI BOARD

چٽا ھو چوٽ مان چرجي، چيم چالاڪ نہ چا ٿيندو،

سنڌي ادبي بورڊ

چوهون چالن مٿي چالون، چاتيون چيرن سان چڙجي ويون.

واريائون وار ’عارف‘ تي، نہ واپس وار واريائون،
وجودي واھ ۾ ويتر، ونگيون ھر وار وڙجي ويون.

❍

دلبرن کان وفائون، ملي ٿيون وڃن،
سھڻن کان سخائون، ملي ٿيون وڃن.

ڪڏھن ھٿ ۾ آيل، ھٿان شي وڃي ٿي،
ڪڏھن اڳ ڪٿائون، ملي ٿيون وڃن.

ڪڏھن ڪنھن جي، خالي نھارڻ سان ناحق،
عمر جون سزائون، ملي ٿيون وڃن.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

جتان ھئا نفعي جا، وڏا آسرا ڪي،
اتان ڪي خطائون ملي ٿيون وڃن.

”عارف“ ڪنھن جي صحبت سدائين سري ٿي،
ڪٿان ڪي جفائون، ملي ٿيون وڃن.

❍

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

اهڙيون عجيبن جون اکيون آرا، اجل اعلان ڪن،
حسنات جا حملا ڪري، هينئڙا ڪسيو حيران ڪن.

ڪن ري ڪجل قتلام ڪئين، هر جاءِ حشر ماتام ڪئين،
اهڙا سندن انجام ڪئين، بالا نشين بيجان ڪن.

اهڙيون نگاهون ناز ور، تجلات جيئن توبون تبر،
تائب لڪين ٿيا تاج ور، ڪئين تخت ور تابان ڪن.

برقي منجهان بجليون بکن، مارڻ سندا رايا رکن،
ڏاڙا هٽيو دهلي، دکن نظرن سندس نيشان ڪن.

اهڙي اکين جي افسري، سوگها سوين ڪن سامري،
بند قيد ۾ قابو ڪري، عرب و عجم حيران ڪن.

SINDHI ADABI BOARD

ديدن واري هن دام سان ۽ محبتي مئي جام سان،



سنڌي ادبي بورڊ

”عارف“ اهڙي انعام سان، انسان کي انسان ڪن.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ٽڙا، تون ڪڏهن منهڙو ڏيکاريندينچيم محبوب م،
ٿ ڪر، منهنجي هٿان بس مار ڪائيندينچيائين ما.

ڪري ڪڏهن مونسان ملڻ اچ تونچيم محلات مان ن،
ڳالهائيندن منهن سان ڏس، تون ڪهڙي چيائين آئينو.

ڙو تهڙو، مان آهيان تنهنجو ديوانوچيم، دلبر جه،
ڪيئن، منهنجو عاشق سڏائيندين چيائين تون الائي.

ڳيان روئي، ڏيندس مان اوڇنگارون ڪئينچيم تو گهر ا،
ٿي پنهنجون، پنيان پاڙون پٽائيندين چيائين خوار.

ڪ شهر ۾ آهيون، ڪڏهن گهر ۾ گهڙي ايندسچيم ه،
ڙي عادت تان، لڏيندين يا لڏائيندينچيائين اه.

ڻو، پرين حورن ڪان وڌ ويترچيم "عارف" آهين سه،
ڪون ايندس مان، ڪٽي ڪهڙو پڏائيندين چيائين.
(

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

ڻ

عمر چا ڪان لاتئي، اسيرن سان اڻ ونڻ.
وطن ڏي وراءِ تون، ڏِسان ويڙه ونڻ ونڻ.

هيٺن تي هلائون، ڪيي چو هچارا،
ڪائي شل خطا جو، توکي جيت ڪڻ ڪڻ.

پيٽن پاسي بادل، پنا جام هوندا،
ڪِٽي مينهن موجون، ڪِٽي بوند ڪڻ
ڪڻ.

ڏِنيون وج وراڪن، واڏايون وصل جون،
مِلي ساڻ مارن، ماڻيان مڻ مڻ.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

پهچائج پلڪ ۾، ’عارف‘ ھي امانت،
وڃي ٿر پياريان ڏنارن، جا ڏڻ ڏڻ.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

عداوت عشق دشمن سان، عجيبن جي لڳي اڻ وڻ.
نہ هو پهتو انجامن تي، رقيبن جي لڳي اڻ وڻ.

آيو هي دور دُنيا جو ۽ ڏيان ويا نِڪري،
ڪاهي پئي ملڪ ۾ ڪلفت، قريبن جي لڳي وڻ
وڻ.

نياڻيون نياءَ نبيرن تي، ويئو اڄ مان مردن جو،
نہ پائو پاءُ سان پيڙو عزيزن جي لڳي اڻ وڻ.

دُنيا درياهہ ۾ بس چا ڪندو انسان اڻ تارو،
پرم ويو آئي بدبختي نصيبن جي لڳي وڻ وڻ.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

اوسيئڙو حج نہ زيارت جو لکين لک خرچ بندن تي،
وڏيرا پياءُ وڏيرن جا غريبن جي لڳي اڻ وڻ.

حديثن تي هلڻ وارا کي ٿيا قرآن جا قائل،
ٿاهي فرقا وجهن فتنا خطيبن جي لڳي اڻ وڻ.

فحاشي اڄ فسانا کي لکي ليکڪ ٿيا پڌرا،
اڳوڻو ويو ادب وِسري اديبن جي لڳي اڻ وڻ.

چغل بازين هٽي چغليون وڃايا وجهہ وصل وارا،
وري ميلاپ منکر سان مجيبن جي لڳي اڻ وڻ.

پرين آيو اڱڻ ’عارف‘ سڙيو ديگر انهي ساعت،
اهڙي حاسد حرامي کي حبيبن جي لڳي اڻ وڻ.

O

SINDHI ADABI BOARD



روئي روئي رات گُذاريم راٽا، تنهنجي ڪاڻ رهاڻ.
سهڻل ساريو سور چران ٿي، سوڍل پنهنجو پاڻ سُڄاڻ.

توريءَ تڪيا طول وهاٽا، سور سِراٽا ورهہ وِڇاٽا،
مومل ساڻ چڏي ڏي ماٽا، سهڻل ساڳين سيجون ماڻ.

نيڻ نهاري ٽيئڙا نارا، چڏ جُدايون جيءَ جيارا،
پرچي پير پلنگ ڏي پيارا، هوڏ چڏي ٿي هڪ مون ساڻ.

ازل ڪان هي انگ اڙيو، هو جانب توسان جيءُ جڙيو،
مون قرب قديمي قيد ڪڙيو، نت ڪير ڪري ها ڪنهن جي ڪاڻ.

تون منهنجو راجا مان تنهنجي راڻي، جهوري جهنگن ۾ ٿي جوڳياڻي،
SINDHI ADABI BOARD
راٽا روئاڙي ڇاٽا واڻي، پيارا پنهنجي پورهيت ڇاڻ.

سنڌي ادبي بورڊ

توري ٽيئڙا باغ پراڻا، ڪاڪ ڪنڌي جا ڪنول ڪوماڻا،
نينهن وارن جا نيڻ نماڻا، ’عارف‘ عشق سندا اُهڃاڻ.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

و

سوين ٽيم سال سورن ۾، سڄڻ سائين سڪايئي چو.
ليا پاتم لڪين تولاءِ، لالڻ منهن ڪي لڪايئي چو.

ڪيم پر ۾ پُڇائون ڪئين، سوين باسيم سڪائون ڪئين،
اتم روح ۾ رتائون ڪئين، رتائون سب رلايئي چو.

ڪئين تولاءِ ڪريان ڪارون اڇي تي درد جو دارون،
فراقن دِل ڪئي قارون، هجر هيڏو هلايئي چو.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ڪيئي جي قول پاري وچ، نہ وارث تون وِساري
وچ،
ننگي کو ننگ نهاري وچ، هونئين ناحق نتايئي
چو.

ڪڏهن ’عارف‘ اڳڻ ايندين، دلاسا ڏيِ ڏُکي
ڏيندين،
وِچوڙيا گڏ وٺي ويندين، روئنديون رڻ ۾ رهائي
چو.

❍

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

تنهنجي زلف جي زور زنجيرن ۾ زردار، هزارين مان نہ رڳو.
تنهنجي حسن جي نيڪ نگاهہ ڪيا نروار، هزارين مان نہ رڳو.

توکي صفتون سهٽا يار سريون، تنهنجي چاهت ڪيون چوڏار
چريون،
تنهنجا پير چمن ٿيون حور پريون، هر وار هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي جوين جوت جمال ڪيا، ڪئين حيرت حال حلال
ڪيا،
تنهنجي پرت پرين پئمال ڪيا، پڳدار هزارين مان نہ رڳو.

ڪي روز رويو رت راهون ڪن، ڪي اشڪ وهايو آهون ڪن،
SINDHI ADABI BOARD
ڪي ديد ڏِسڻ لاءِ دانهون ڪن، ديهدار هزارين مان نہ رڳو.

سنڌي ادبي بورڊ

تو ’عارف‘ سان اچي انگ ڪيا، بي رنگي مان ڪي رنگ ڪيا،
تو يار سڏي ست سنگ ڪيا، سردار هزاري مان نہ رڳو.

❍

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

آواز هي الستيءَ آيو فقير جو،
رمز جهم راز ٿيو آ رايو فقير جو.

گهمسان گِرد گهيرو، ديدن دمايو ديرو،
حسنات حال هُيڙو، ڳايو فقير جو.

ازلئون اها انعامي، سهڻي سندي سلامي،
من ۾ هي مچ مدامي، مايو فقير جو.

افلاڪي عشق آيو، طرفين طلب تايو،

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

سبحان ٿيو سجايو، لايو فقير جو.

’عارف‘ بدن بلاتو، پرين آ پيچ پاتو،
سڄڻ صحي سڃاتو، سايو فقير جو.

O

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

ڪمند قيدي ڪي ڪڙجي ويا، قديمي قيد ڪٽڻو پيو.
مجازي ميخ مهميزن ڪان، منهڙو مون نہ مٽڻو پيو.

ڪري حملا حسن وارا، سپاهي سونهن جا آيا،
سڄڻ سرڪار جي سامهون، سِريءَ ۽ ساهہ سٽڻو پيو.

وصف وارن جي وٽ وٽ ٿي، وڏئون وارن جا ونگ واري،
ويراڳي ڪي وصل سان گڏ، ورهہ جو واس وٺڻو پيو.

SINDHI ADABI BOARD

ڇڏائڻ جون ڇٽيون ڳالهيون، اجا پيي چرڪ چا ٿيندو،

شبابي شوق ۾ شايد، برهه جو ڏنڊ پرٽو پيو.

ٿين منجهه دام دم پورا، ’عارف‘ جا گهر عجيبن جي،
ته راڻي کي روح ۾ روئندي لڪائي لاش لٽو پيو.

❍



حسن سڪايل سؤ هزار، سونهن سڪائڻ وارو ڪو ڪو.
بيدرد دُنيا ۾ بيشمار، سور سٺائڻ وارو ڪو ڪو.

عشق جي سمجهن ڪين اصولن، ماترائون ۽ مفعولن،
فڪر بنا سي ٿيا فنڪار، قرب ڪمائڻ وارو ڪو ڪو.

درد نه دِل ۾ ڪوڙيون دانهون، ڪير ٻڌي پيلا اهڙيون آهون،
هن نظارن جا ته نبار، ٻول ٻڌائڻ وارو ڪو ڪو.

من مندر ۾ مخفي مستي، برهه وارا ڪن بت پرستي،
پائي زلف زنار، پيد ٻڌائڻ وارو ڪو ڪو.

هڪ سان هڪ ٿي خيال ڪمائي، صاف صفاتي ورق وڃائي،
ڪري وحدت جو واپار، پاڻ وڃائڻ وارو ڪو ڪو.

تن ۾ طلب جن کي توڙا، گهاءُ بِنا ڪن گهوڙا گهوڙا،
ڪان پئي تن محبت مار، محب مڄائڻ وارو ڪو ڪو.

سنڌي ادبي بورڊ

جت قرب حسن جو ڪوس هلي ٿو، جابر ڪو جوان دِل جهلي ٿو،
ڪات اڏي تي ڪلنگيدار، ڪنڌ ڪپائڻ وارو ڪو ڪو.

سڌڙيا سير ڪان واپس ورندا، سونهن جا ساگر سالڪ ترندا،
نيهي تي نروار، نينهن نيائڻ وارو ڪو ڪو.

’عارف‘ عشق عميق ۾ ايندا، ويرن ڪان ڪيئن واپس ويندا،
برهه جون بونديون سر بسيار، ورهه وسائڻ وارو ڪو ڪو.

○

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

مان ٻه راڻي جي هيس، راڻو ڪڏهن منهنجو ٻه هو،
حُسن ديوي ٿانءَ وٽ ٿاڻو، ڪڏهن منهنجو ٻه هو.

محبوب محفل جي اندر، مرضيون ٻه منهنجو تي مڃيون،
ماهِ لقا مهندار وٽ ماڻو، ڪڏهن منهنجو ٻه هو.

حسن وارا ڪئين هزارين، پر حبيبن هنجهه ٻي،
هو محبت موتي جي مثل داڻو، ڪڏهن منهنجو ٻه هو.

پرهه تائين بس پرين سان، هئا حويلي منجهه هنڌ،
ٿهڪ ڏيئي راتيون ٽڪڻ، ٽاڻو ڪڏهن منهنجو ٻه هو.

SINDHI ADABI BOARD

”عارف“ عجيبن وٽ الاهي، قرب جي قيمت قديم،
وٽ ناز ور نازڪ بدن ناڻو، ڪڏهن منهنجو ٻه هو.

سنڌي ادبي بورڊ
SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

ڪري سينگار سَوَ سالم، سندم سردار اڄ آيو،
پائي لک هار هيرن جا، هينئن جو هار اڄ آيو.

ڏسي صورت حبيبن جي هم حيران ٿيون حورون،
اُڏامي هوش ويو هٿ کان، حسن لاهار اڄ آيو.

ملي مون مام ۾ محفل، لهي ويو مامرو من تان،
محب ماهِ لقاءَ، مرڪي ملڻ منٺار اڄ آيو.

نظاري نور ٿيو نوريءَ، نوازيو جنهن نگاهن سان،
نهاري نينهن جو ناتو، ننگي ننگدار اڄ آيو.

SINDHI ADABI BOARD

اڇڻ واري عجيبن ڪئي، اُنائي آه زاري ڪا،
"عارف" عيدون ٿيون، عرشي، اِرم اظهار اڄ آيو.

سنڌي ادبي بورڊ
SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

هـ

دِلربا تنهنجي درد گهايو، رات هِڪڙي تون تہ رهہ.
مج سجڻ بس روح رايو، رات هِڪڙي تون تہ رهہ.

گهر اچين هِڪڙي گهڙي، زر مال گهر گهوري
چڏيان،
هِنَ هجر هاجو هلايو، رات هِڪڙي تون تہ رهہ.

جان من تنهنجي جُدائي، جا اندر پارڻ پرن،
تانگهہ دِل کي آ تپايو، رات هِڪڙي تون تہ رهہ.

محبوب رک تون مانُ، منهنجي منٿ مڃ ماهِ لقا،

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

واعدي جو ڏينهن آيو، رات هِڪڙي تون تہ رهہ.

مان ئي تنهنجو تون ئي منهنجو، ملڪ جا مهڻا نہ ڏيار،
بيوس برهہ آهي بنايو، رات هِڪڙي تون تہ رهہ.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

ـهـ

ثناء و حمد هادي جي، پڙهان هر وار بسم الله.
سو خالق ملڪ جو مالڪ، سونهي صدبار بسم الله.

حڪم هر جاءِ حاڪم جو، هلي هر وار ٿو همدم،
ڪيائين ڪُن سان ڪُلَ پيدا، عجب جنسار بسم الله.

ملائڪ جن بشر حورون، فلڪ ۽ عرش ۾ جيڪي،
عجب پيدا ڪيا پرور، نڪٿ نروار بسم الله.

منجهان آدم اپايا جنهن، پيغمبر پير ۽ اولياءَ،
تنهن جو آ مان مولا وٿ، عجب اظهار بسم الله.

ڏِسو لولاڪ لَما جي، پڙهي معنيٰ اي مؤمن،
محمدﷺ مُلڪ ساري جو، ٿيو مهندار بسم الله.

متان فرمان هي فرقان، جنهن جي شان ۾ آيو،
سوا لک ۾ سچڻ سهڻو نبي نروار بسم الله.

عجائب پاڪ پيشاني، عجائب رنگ روحاني،
عجب صورت عجب سيرت، سخي سردار بسم الله.

SINDHI ADABI BOARD

قمر خورشيد جي خوبي نہ مت ’عارف‘ عجيبن

سنڌي ادبي بورڊ

سان،
چُمن ٿيون حور ۽ پريون پرين پيزار بسم الله.

❍

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

ء

وچڻ جون ڪيم ڪر وايون، مِٺا منٺار ترسي پئه.
هزارين ڳڻ تنهنجا ڳايون، هينئين جا هار ترسي پئه.

مِٺا مون سان چڏي ماٺا، رهو هڪ راتڙي راٺا،
سجڻ سِڪ ساڻ اي سياٺا، صنم سنهيار ترسي پئه.

رهي پئه ٿين رهاٽيون ڪي، ڪريون قربن ڪهاٽيون
ڪي،
ڏِسن اکڙيون نماٽيون ڪي، تنهنجو ديدار ترسي پئه.

وصل جون هاڻ ڪر وايون، لڱن سان لال لڳ لايون،
پلا پاڪر پري پايون، پرين ڪنهن پار ترسي پئه.

پرين ڪو پيار پاري وج، جڏو جيئڙو جياري وج،
اندر جا غم اُتاري وج، اگڻ انوار ترسي پئه.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

روحاني رنگ رچايون ٻئي، مِنا محفل مچايون ٻئي،
پرين کي پهه پچايون ٻئي، ’عارف‘ اقرار ترسي پئہ.

❍

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

ي

الله جل جبار جا، احسان مڃ منڪر نہ ٿي.
سائين سچي ستار جا، احسان مڃ منڪر نہ ٿي.

هٿ پير جنهن اکيون ڏنيون، ڏِنيون، ڪير ۽ ونيون ڏِنيون،
اهڙي سخي سردار جا، احسان مڃ منڪر نہ ٿي.

جنهن جسم ڪيو جابر عطا، ان جي اسم تي ڪر سخا،
دِل خواهہ تنهن دِلدار جا، احسان مڃ منڪر نہ ٿي.

جو سهٽا ڏيکاري ڏينهن ٿو، طوفان تاري مينهن ٿو،
اهڙي اجهي آڌار جا، احسان مڃ منڪر نہ ٿي.

جو ڏي ڏهاٽي ٿو گهٽو، ان جي اسم ڏي ڪجهہ ڪٽو،
هن ڏيهہ جي ڏاتار جا، احسان مڃ منڪر نہ ٿي.

SINDHI ADABI BOARD

جنهن جوڙيا ڏِسو فرش، فلڪ، حاضر همہ حورون ملڪ،

سنڌي ادبي بورڊ

قائم سدا ڪلتار جا، احسان مڃ منڪر نہ ٿي.

تون ڇو ڪرين حاسد حسد، مخلوق سڀ مالڪ
پسند.
اهڙي يقيني يار جا، احسان مڃ منڪر نہ ٿي.

❍

حبيبن جي حسن ڪيئڙا هٽي حيران حد ٿي وئي،
سيارا، شمس ۽ ڪتيون قمر قربان حد ٿي وئي.

SINDHI ADABI BOARD

نيڻن ڪان محب ٿيو موهي، جهڪا جنسار ڪان



سنڌي ادبي بورڊ

جوهر،
گهورون گُل جان تان گوهر، ٿيان مرجان حد ٿي وئي.

پريندا ٿيا پسي پيپر، پڇن ڪيئن تون پري پيڪر،
ٿيا بيحال بت آزار، بُنياد بي جان حد ٿي وئي.

وريا جي وار وارن جا، لُٽيا هينئڙا هزارن جا،
ٿيا نيهي نظارن جا، نِجا نيشان حد ٿي وئي.

زلف جي زور ضربن ۾، ٿيا حيران ڪئين بن ۾،
ڪيئي قابو قيدن ۾، حد ٿي وئي.

❍

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

رسڻ ريت رسمون تون راٹا چڏي ڏي.
مومل ساڻ ناحق تون ماٹا چڏي ڏي.

سجڻ آءُ سرچي نہ ساعت سري تي،
ڏيڻ سور سختيون سياٹا چڏي ڏي.

پهچي يار پيارا، پٽيون پڌ اچي کي،
زخم تون نہ هرگز پراٹا چڏي ڏي.

تنهنجي ديد درشن سان دارون تي سگهندو،
هِتي تون نہ دوري جا داٹا چڏي ڏي.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

خدا راهہ گُهر ۽ خدا کان بہ گُهر تون،
ناجائز ڪمائڻ جا ناٹا چڏي ڏي.

اتي ڏور ڏونگر اڳيان پنڌ اڙانگو،
سمهڻ سيج تي ۽ وهاٹا چڏي ڏي.

ڏينديئي ڏس ڏاها پرين جي پسڻ جو،
رهج ساڻ سالڪ اياٹا چڏي ڏي.

انبن ۽ انگورن سندي چاس چک تون،
نہ ڪاءُ گوار گدرا هنداٹا چڏي ڏي.

معشوقن جي محبت اتئي ميٺ ماڪي،
گهر تمام تازا ۽ باسي هاٹا چڏي ڏي.

’عارف‘ ساڻ ’عاصي‘ تيسين اور دِل جون،
ماٹي عشق موجون پڄاٹا چڏي ڏي.

○

SINDHI ADABI BOARD

تڳان تو روز مان تاري، سندم رب جي سهاري تي،
هي نِڪري چوهه چولين مان، ٿيندي ڪشتي ڪِناري تي.

وصالي وائڙا ورندا، الستي ٻول اچ پرندا،
ڏکن کان پوءِ سک سرندا، اي ڪاروبار واري تي.

رکيوسون بار باري تي، پلا ٻيو پروسو کهڙو،
ءِ هلبو هوش پنهنجي تي، نه لڳبو ڪنهن جي لاري تي.

ڏکن ۾ ڏينهن ٿيا پورا، نه پرواهه ڪا به ڪانهي ڪا،
ٿينداسون بهشت ۾ داخل، سندئي عربي اشاري



تي.

هي من مُهٽا گهٽا ماٺهو، نه مصري کان مِٺا مون کي،
اتوَ الفاظ ’عارف‘ جا انهي نازڪ نظاري تي.

❍

سنڌي ادبي بورڊ

سچ سٽاءِ ڪھڙي سبب، مننار وئين منھڙو مٽي،
چو جُدائي ۾ جلائيي، جان توري ڪيئن جٽي.

گھر گھرائي ڪا گھڙي، گھوٽ گڏ گوڏي ويھارِ،
گھور گھايل ٽي گھمان، ڪيئن پلا گوندر گھٽي.

سِڪ سڄڻ سوراخ ڪيا، ساعت نٽي توري سري،
ڏيئي سڪڻ جي مون سٽي، وئين ساھ سورن ۾ سٽي.

ڪيا حسن حملا هزارين، هر جاءِ حيرت ۾ هلاءِ،
هٽ حسينن تان ڪٽان، پر نہ مون هينئڙو هٽي.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

آءُ اگڻ ’عارف‘ عجيبا، پوءِ ٽين پورا پساھ،
ڏيئي لٽون لالڻ اچي، وڃ لوڙھ منھنجي ڪي لٽي.

O

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

سڄڻ سهڻا اچي سڻ تون، سندي عاجز عرضداري.
پنو ڏِس هي پڙهي پيارا، اٿيئ درخواست دِل واري.

جهان ۾ جج تو جهڙو، نہ پيدا ٿيو ڪيو پرور،
تون ئي حاڪم حسن وارا، تنهنجي ڪورٽ قرب واري.

سزا جي موت جي ڏيندين، تہ مڃيٽي محب مون پوندي،
جنم جي قيد جي جاني، قبوليم سِر سزاداري.

برهہ جون بند باريڪون، پڄڻ پيٽي نڪا پانيان،
جشن جوين سندا جيلر، وتن تا چست ٿيا چاري.

SINDHI ADABI BOARD

ڏينهن ڪان ڏوهاري، تيس رُڳو نازڪ نهارڻ لاءِ،



سنڌي ادبي بورڊ

زوري قيدي ضامن بند، نڪا تاريخ تي جاري.

سڄڻ سائين عمر ساري، ستائيندي تہ سرنديئي ڇا،
نيائي نينهن جو ناتو، ’عارف‘ سان يار ڪر ياري.

❍

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

اديون اڌ رات کان اڳ ۾، عطر هُٻڪار عنبر تي.
عجب جنسار جانب جو، ڏِٺم چمڪار چندر تي.

محب مهندار مڙني جا، پيا پهريون نمبر پسجن،
آيا حاڪم حسن وارا، تجلي جا تونگر تي.

مبارڪ مُنهن موتيو گُل، سهائي سوجهرو سهڻو،
اڃائي ٻي نه اهڙي ڪا، سفيدي سنگمرمر تي.

دوناليون ديد جون ڏاري، دِلين تي پي هنيون ڏاڙا،
نگاهہِ نوڪ نيڻن جا لڳا نيشان نشتر تي.

جسم جانب سندو جلوو، ڪندا جنسار چا تنهن کي،
سراسر سونهن جي سامهون، هلن حورون نه همعصر تي.

SINDHI ADABI BOARD

ڏِسي حيرت حبيبن جي، هلي هٿ کان ويا هينئڙا،



سنڌي ادبي بورڊ

حسن جي حادثي کان ويا، همہ حيران هر گهر تي.

ڏِسي هي رنگ روحاني، رنو ’عارف‘ ته چا تي پيو،
سوداگر سونهن جا ويئڙا، سوين دارا سڪندر تي.

❍

محب مُرڪڻ سان مِٺا، مهمير ڪيئن ماري چڙهئي،
ڪاڻ ڏاڙي هي دوناليون، ديد ٻئي ڏاري چڙهئي.

چنڊ کان چهرو چِٽو چِٽني طرف جنهن چاندني،
تنهن مٿان بادل پنيا، ڪر بار بهاري چڙهئي.

خمدار خوني خوبرو ڪن، خونريزي خلق ۾،
سي سقيلا صاف سهڻا، وار لئه واري چڙهئي.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

پاڻ ري ٻوڙيا ٻِسٽ، تو ٻاڻ ٻاٻيهل ٻئي،
سي سڏا سيني منجهان، تو تير جيئن تاري چڏئي.

پروان پيا پِڙَ تي پچي، تجلي پَسي تهدل تمام،
شمع جي شعاءُ تي، ڀهڳڻ، لڪين ٻاري چڏئي.

گُلبدن گهائين ٿا ٻئي، گرز گولي جان شتاب،
اشڪ ’عارف‘ چا چوان، پر عام آزاري چڏئي.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

ڪرم پنهنجو ڪري قادر، مٺا مُنج مينهن ٻي پاسي،
ديانت ڪا ڪري داور، مٺا منج مينهن ٻي پاسي.

سخي صابر سڪيا رڪجان، نہ دم تن ڪي ڏکيو رڪجان،
بخيلن کي ڪري بي زر، مٺا مُنج مينهن ٻي پاسي.

ڏئين رب راهہ جي روڪڙ، ڏهاٽي ڏي تنين ڏوڪڙ،
والي تن جا وري گهر پر، مٺا مُنج مينهن ٻي پاسي.

وٽئي وسنديون ڪرين ويران، وٽئي پينو ڪرين سلطان،
پروڙي ڪير تنهنجي پر، مٺا مُنج مينهن ٻي پاسي.

رٺا پنهنجي جنين جوڙي، ايندي اڳتي تنين سوڙي،
هتي خوش ٿي کِلن پيا ڪر، مٺا مُنج مينهن ٻي پاسي.

SINDHI ADABI BOARD

نہ ويساهہ تو وڏائي تي، رهن پنهنجي پڏائي تي،

سنڌي ادبي بورڊ

نہ تائب تو نہ توبھ در، منا مُنج مينهن بي پاسي.

آهين تون مُلڪ جو مالڪ ڏئين تون خلق کي خالق،
رَسائين رزق تون هر گهر، منا مُنج مينهن بي پاسي.

شهنشاهہ شاهہ تون آهي، وسائين وهڪرا واهين،
پلا اهڙا جهلي ڪو جر، منا مُنج مينهن بي پاسي.

سڪندر جمجما دارا، سيئي توکان گهرڻ وارا،
اچي والي ولهين وڙ ڪر، منا مُنج مينهن بي پاسي.

اچي ”عارف“ اجارين تون، سخن سائين سنوارين تون،
پياري ڪوثرِ ساغر، منا مُنج مينهن بي پاسي.

○

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

اگڻ منهنجي عجيب ايندا، اچڻ سان عيد ٿي ويندي،
مٺي محبوب مشفق جي، ملڻ سان عيد ٿي ويندي.

محبت ڏيندا ڇڏي ماٽا، سندم سهٽا سجڻ سچي،
پرين سان روز راتيون، گڏ رهڻ سان عيد ٿي ويندي.

نهاريان روز پيئي راهون، برهہ بيمار ڪئي آهيان،
ڏکويل کي اچي ڏک ۾، ڏسڻ سان عيد ٿي ويندي.

قرابت منهنجي ڪانهي ڪا، قريبن جو ڪرم گهرجي،
قريبي قرب جون، ڳالهيون ڪرڻ سان عيد ٿي ويندي.

SINDHI ADABI BOARD

”عارف“ ايندا هو لاثاني، جياپي منهنجي جا جاني،
دلاسا دلبرين ڏيئي، پڇڻ سان عيد ٿي ويندي.

سنڌي ادبي بورڊ

○

محبوب رخ مدامي، غنچه گلاب آهي،
شب روز شهنشاهي، شاهي شباب آهي.

رحمان راز رايو، سهڻي ڪيو سرس سايو،
باطن برهه جو پايو، ظاهر نقاب آهي.

چشمن جي چوٽ چاڙهي، گهايل وڏو تو گهائي،
ڏک ڏيل تنهن ڏهاڙي، ازليءَ عذاب آهي.

حملا حسن هزاري، عاشق جي دل آزاري،
سچڻ ڪري ستاري، سمجهه ثواب آهي.

SINDHI ADABI BOARD

سڪ سير هي سجاتو، ٿيو بيوس بدن بلاتو،
پوشاڪ پيچ پاتو، پانيم نواب آهي.



سنڌي ادبي بورڊ

”عارف“ عجيب عالي، شفتين مَئي موالي،
ڪوثر قسم ڪمالي، شاهي شراب آهي.

○

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

مون کي دؤر دنيا جا درس نہ ڏي، مون کي دام لڳي درداني جي،
توکي ڪل پلا چئون ڪھڙي قاضي، عشق واري افساني جي.

ڪائي مال مَتو آھين، ڪر نہ مڳي، خود ھام ھڻين ٿو ھو نھين ڪڳي،
توکي نوڪ نہ ھرگز آھي لڳي، ڪا نظرن جي نشاني جي.

”اَلاِنسَان سِرِي“ رب راز رکيو، ٿيو انڪار ڪري ابليس ڏکيو،
تو سبق اتائين ڪونہ سکيو، وئين واٽ وٺي ويراني جي.

ھل موکي جو مئخوان جتي، آھي جانب جلوو جتي ڪٿي،
چڏ دلڪ دوئي جا ڏيان ھتي، رک دعوا تون نہ زماني جي.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

”عارف“ راھہ الله نہ ڇڏ، دل وحدت جي ويساھہ سان گڏ،
رک صورت جا ارواح ۾ اٿئي، اھا بازي رکيل بھاني جي.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ڪري دل درد ۾ دانهون، تنهنجو ديدار تو گهرجي،
نہ دارون ديد ري پيو ڪو، برهه بيمار تو گهرجي.

ساعت سال تي سنيران، وڃان ڪو ڪوهه سَو ڪوهن،
اچڻ جي ڪر اڃهين ازخود، اهڙو اقرار تو گهرجي.

سڄڻ سهڻا ستاري ڪر، ستائڻ ۾ سربو چا اٿئي،
سگهو سرڪار تي سامهون، سنڌئي سينگار تو گهرجي.

ڪيئي چو دلربا دوري، نہ دل تان تو لهين دلبر،
دردوندن سدا درسن، تنهنجو دلدار تو گهرجي.

رهي وچ رات ڪا راڻا، رسي چاڪان روئاڙين تو،
لمحو لاڻان تو لاشڪ، مون ڪي لاچار تو گهرجي.

وري آءُ تون وساريئي چو، مون ڪي ويل ڪا وسرين،
نہ ورندي ٻي تي دل وندري، وصل وهنوار تو گهرجي.

روئان پيو روز شب تولاءِ، نہ ٻيو ڪو روح ريجهائي،
ڪئين رنگ روپ رف توري، روحي رنگداس تو گهرجي.

SINDHI ADABI BOARD

جدائي جيءَ جهوري، متا توري مري ويندس،



سنڌي ادبي بورڊ

جيئين جاني تنهنجو جلوو، ”عارف“ اظهار تو گهرجي.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

کيا عجب ديدار ديدن، ٽيون دغائون دل مٿي،
ورق ويسهه جا پڙهڻ، واجب وفائون دل مٿي.

هي اکيون ازخود هلن، پر اوچتي ڪنهن اک جڙيون،
روج راڙي ۾ رهن، اورڻ ادائون دل مٿي.

سُونهن سهڻل جي ڏسي، سوگهيُون ٽيون ساري عمر،
سي تہ سورن ۾ سڙيون، سارن صدائون دل مٿي.

ريس مان جيڪي روئن، جي روبرو تہ بہ رڙ نہ بند،
پاڻ پرچڻ ڪان پري، راضي رٿائون دل مٿي.

SINDHI ADABI BOARD

پائي ليا لاثان ٽيون، ”عارف“ اهڙا اظهر عجيب،



سنڌي ادبي بورڊ

دائما سي ديد ڪن، درمل دوائون دل مٿي.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

دردمند تي دوا، دلدار گهر آيو وري،
محبتي مينهڙا وٺا، منٺار گهر آيو وري.

سرس سانوڻ لاءِ سڪندن، سر سوين سودا ٿيا،
سهڻو سڄڻ سينگارجي، سرڪار گهر آيو وري.

اڄ عجيبن ڪي پسي، آسون پنيون اکڙين سنديون،
عاشقن آرا، عجب اظهار گهر آيو وري.

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

مون مٺي محبوب ماڻڻ ڪاڻ، مجتائون مجيون،
محب سڀ ماڻا ڇڏي، مهندار گهر آيو وري.

اڄ سڪندر سيج ماڻي، سوڀ ”عارف“ تي وري،
سال مون سڪندي ٿيا، سردار گهر آيو وري.

❍

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ڪجل ڏاران ڪُنڊيون ڪاريون، ڪتاريون پيون ڪٽين ڪَڙڪي،
لڳيون لحظي اندر لاشڪ، لڪين سِر لال پيا لڙڪي.

ڏڙا ڏڙ ڏوم ڏاڙا ڪئين، ڏرئون ڏر ڏرم ڏر ڪھڙي،
ڏڪو ڏڪ ڏار ڏڙ سر ڪان، ڏُڙن ڪان دل پئي ڏڙڪي.

دردمند ٿيون ڏانھون، پسي دم دونھن دارون جا،
دونالي ديد مان دائم، برابر باھ ڪا پڙڪي.

ونگيون ور ڏيو، وڳن ويتر، وتن ور ور وراڪيو سي،
ورائين وار وس واريون، وجودي ورق ۾ وڙڪي.

SINDHI ADABI BOARD

اڪيون ”عارف“ عجيبن جون، ارادا ڪن اصل اهڙا،



سنڌي ادبي بورڊ

آيون مارڻ امالڪ سي، نہ اٽڪيون اول ڪنهن اڙڪي.

❍

SINDHI ADABI BOARD